

المڪتوب الحبيب

از

محمد قاسم غازياٽيِ پٽيِ

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

المڪتوب الحبيب

(١٣٣٢ھ)

از

محمد قاسم غازياڻي پٽي

مقدمو ۽ حاشيا

مخدوم سليم الله صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2006ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون سال 2006ع تعداد هڪ هزار

[هيءُ ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانې ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 06-2005ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.]

قيمت: نوي رپيا
[Price Rs. 90-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب يادگار پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه جي نگرانيءَ ۾ ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ جي هميشہ کان اها ڪوشش رهي آهي تہ نہ صرف سنڌ جي موجوده ادب کي محفوظ ڪجي، بلڪ انهيءَ علمي سرمايي کي پڻ سهيڙجي جيڪو اڄا تائين قلمي صورت ۾ سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ ذاتي ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهي.

انهيءَ بي بها علمي خزاني کي نہ رڳو موجوده نسل آڏو پيش ڪرڻ اسان جو فرض آهي، بلڪ ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪرڻ جي ذميداري پڻ اسان جي مٿان عائد ٿئي ٿي. سنڌ ۾ "تذڪرا" لکڻ جي تاريخ ايتري پراڻي آهي، جيتري هندستان جي ڪنهن بہ شهر ۾ تحرير ڪرڻ جي. پر افسوس جو انهن تذڪرن تي اڄا تائين باقاعده ڪا تحقيق سامهون نہ آئي آهي، ستين ۽ اٺين هجريءَ ڌاري جو تحرير ڪيل "تذڪره سيد محمد مڪي" يا ان کان پوءِ نائين ۽ ڏهين صدي هجريءَ جا تذڪره هر لحاظ کان معياري سمجهيا وڃن ٿا.

هن کان اڳ اسين "تذڪرة المراد" شايع ڪري چڪا آهيون. جنهن جو تعلق ٺٽي جي بزرگ سان هو. جڏهن تہ هيءُ شهپارو پاٽ ۽ سيوهڻ جي علمي ۽ روحاني خانواده مسيح الاولياءُ شيخ عيسيٰ جندالله ۽ سندس موجوده اولاد سان آهي.

پير حسام الدين راشدي مرحوم "حديقة الاولياءُ" جي مقدمي ۾ اهڙن ڪيترن ئي تذڪرن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي اڄا تائين گمناميءَ جي ڪنڊ ۾ ڪنهن اهل نظر ۽ اهل ذوق جو انتظار ڪري رهيا آهن. پاڻ انهيءَ فهرست ۾ "**رسالہ حبيبيہ**" يا "**المڪتوب الحبيب**" جو پڻ تعارف ڏنو اٿن. 1332هجري جو تحرير ڪيل هيءُ رسالو ڪيترن ئي اهڙين حقيقتن کي واضح ڪري ٿو، جن کان تاريخ جا پيا ڪتاب خالي آهن، جيئن:

1. هن تذڪره ۾ مسيح الاولياءُ شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري ۽ مخدوم نوح هالائيءَ جي نسب تي بحث ڪيو ويو آهي.

2. هن تذڪري مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم عباس پاٽائي ٺٽم هڱورجائي حضرت مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ سنڌيءَ جو چاچو هو.

3. سرهندي بزرگن مان شاهہ صفي الله ڪابليءَ جي سوانح ۽ سندس تعليمات ۽ سنڌ اندر سندس سلسلي تي پڻ مواد موجود آهي.

4. مخدوم عبدالواحد ڪبير ۽ صغير ڪان سواءِ مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي (مڏئي واري) جا پڻ هن تذڪري ۾ حوالا موجود آهن.

5. پاٽ ۽ سيوهڻ جي مخدومن جو سنڌي پوره برهانپور وارن سان تعلق خط و ڪتابت مٿين مائٽين ۽ رابطن جا پڻ حوالا ملن ٿا ۽ پڻ حضرت مسيح الاوليا جي اولاد جو پاٽ سيوهڻ ۽ برهانپور ۾ ڦهلجڻ جو سربستو احوال هن تذڪري ۾ موجود آهي.

مخدوم سليم الله صديقي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود "**المڪتوب الحبيب**" جي قلمي نسخي کي جيئن جو تيئن شايع ڪرڻ ڪان سواءِ، سندس حاشيا ۽ تعارفي مقدمو پڻ شامل ڪيو ويو آهي، جيئن ڪٿي ڪٿي مختصر ۽ اشارن ۾ بيان ڪيل ڳالهين کي پڙهندڙن لاءِ وڌيڪ وضاحت سان پيش ڪري سگهجي. اُميد آهي تہ تحقيق ۽ کوجنا وارو ذهني لاڙو رکندڙ مڙئي صاحبان هن شاندار علمي خزاني مان تمام گهڻو مستفيض ٿيندا.

ڄام شورو، سنڌ
خميس ٣- جمادي الاول ١٤٢٧هہ
بمطابق 31- مئي 2006ع

انعام الله شيخ
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

فهرست

❖ مقدمو 7
❖ جناب مولوي صاحب الحاج ميان هدايت الله دام علمه و عمله 13
❖ نقل تمسڪ.. 30
❖ نقل از ڪتاب مراح الارواح مورخہ 972 هجري 34
❖ نقل نشان خاتم عسيٰ ان يبعثڪ ربڪ مقاماً محموداً..... 35
❖ اُهڃاڻ 36
❖ للمڪذبين فبأي حديث بعده يومنون 39
❖ نقل اجازة نامہ 41
❖ نقل مڪتوب انشا واحدي مخدوم صاحب البياض سيوستاني قدس سره 42
❖ شهود ثاني عاقبيت آشڪار بہ نقل مشهور 43
❖ نقل ابيات مير صاحب رحمہ ربہ 43
❖ نقل مڪتوب پير شهاب الدين نوشهرائي قدس سره 45
❖ مڪتوب بدستگيري يار غار رضہ 45
❖ شهود ثالث سيد امام الدين ۽ سيد محسن شاهہ ڪان 46
❖ شهادت رابع 47
❖ خواب حقير 48
❖ وه! ياد آيل خواب 49
❖ ضروري اعلان 50
❖ مختصر نشان پڪو اهڃاڻ............................ 54
❖ نقل مڪتوب مير حسن علي خان صاحب 1281هہ 57
❖ ضميمہ 60
❖ قلمي نسخي جي آخري صفحي تي لکيل 63
❖ تصديقي نوٽ (1) ۽ (2) 64
❖ المڪتوب الحبيب جي قلمي نسخي جو عڪس 65

—*—

إِذَا أَتَاكُمْ قَوْمٌ كَرِيمٌ فَأَكْرِمُوهُ

الْمَكْتُوبُ الْحَبِيبُ
فِي السِّلْسِلَةِ النَّجِيبُ
بِطَلَبِ الْهُدَايت
مِنَ اللهِ الْمُجِيبُ

محض باموَدّة ولُطفِ مولوی
ہدایت اللہ صاحب نظام رشد



”المڪتوب الحبيب“ قلمي جي نسخ جي صفحي اول تي لڳل مهر

مقدمو

المڪتوب الحبيب يا حبيب جو ڪتاب، حبيب الله سيوهاڻي جي فرمائش تي تحرير ڪيو ويو.

قديم علمي گهراڻن جي ذاتي ۽ سرڪاري ڪتب خانن ۾ ڪيترائي اهڙا قلمي نسخا ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. جيڪي تحرير ته ڪنهن هڪ جا ٿيل هوندا آهن، پر انهن کي لکڻ جي فرمائش ڪندڙ يا اهتمام ڪندڙ ڪو ٻيو هوندو آهي.

هي ڪتاب حيدرآباد جي رهواسي ٿنڌي قيصر خان نظاماڻيءَ ۾هيڊ ماستر طور سرڪاري نوڪري ڪندڙ محمد قاسم ولد حاجي پريل غازياڻي پٽي جو 1332هه ۾ تحرير ڪيل آهي، جنهنجو روحاني تعلق سيوهڻ جي مخدوم صاحبن سان هو ۽ مخدوم حبيب الله سيوهاڻيءَ جو مريد هو. تنهن مرشد جي رهنمائي ۽ فرمائش تحت هي ننڍڙو ڪتاب تحرير ڪيو ۽ سندس نالو به مرشد جي نالي پٺيان "المڪتوب الحبيب" رکيائين.

سيد پير حسام الدين راشدي حديقة الاوليا جي مقدمي ۾ هن ڪتاب جو نالو "رسالہ حبيبيہ" لکندي سندس تعارف هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"رسالہ حبيبيہ: مخدوم حبيب الله پاٽائي، تاليف 1300هہ کان بعد. هي تذڪرو پاٽ ۽ سيوهڻ جي صديقي مخدومن جي احوال ۾ آهي. اهي بزرگ شيخ شهاب الدين سهروردي جي اولاد مان آهن. ابتدا ۾ شيخ جي نسب جو بيان آهي. شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري ۽ مخدوم نوح هالائي جو نسب پڻ ڏنل آهي. تذڪري مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم عباس هنگورجائي پاٽائي حضرت مسيح الاوليا (عيسيٰ برهانپوري) جو چاچو هو. مخدوم نوح جي نسب تي ڪافي بحث ٿيل آهي. سرهندي بزرگن مان شاهه صفي الله ڪابلي جي سوانح ۽ سندس تعليمات ۽ سنڌ اندر سندس سلسلي تي چڱو مواد ملي ٿو. مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي (مڏئي واري) ۽ مخدوم عبدالواحد ڪبير ۽ صغير جي احوال تي پڻ روشني پيل آهي."

مخدوم حبيب الله سيوهاڻي عالم فاضل شخصيت هئي. ڪيس خانداني شجرن، قلمي مسودات، شاهي فرمانن ۽ اسلاف جي تحريرن سان گهڻي

دلچسپي هئي. انهيءَ ڏس ۾ هن نہ صرف هـتان هُتان ڪتاب ۽ حوالا گڏ ڪيا هئا پر سنڌي پوره برهانپور ۽ حيدرآباد دکن ۾ موجود پنهنجي خاندان جي مختلف شاخن سان پڻ خطو ڪتابت ۽ معلومات جي متاسنا ڪندو تي رهيو. اهوئي سبب آهي جو "المڪتوب الحبيب" راشد برهانپوري جي ڪتاب "برهانپور ڪي سندهي اوليا" کان ڪيترو اڳ سنڌي پوره برهانپور جي بزرگن متعلق اهم معلومات ڏنل آهي. جيڪا ٻين تحريرن ۾ گهٽ ئي ملي ٿي. سنڌ جي تاريخ جا طالب علم يقينن ان مان لاڀ پرائيندا. هن ڪتاب ۾ شيخ طاهر پٽني ۽ پاٽائيءَ ۾ فرق - شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري جي خاندان جون مختلف شاخون - سنڌ هنڌ ۾ ڦهليل سندس اولاد جي وضاحت - ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٻيا اهم نقطا بيان ڪيا ويا آهن.

هن ڪتاب کان علاوه، مخدوم حبيب الله سيوهاڻيءَ جا گڏ ڪيل مسودات، ڪرسي نامو، ۽ گلزار ابرار ۾ موجود سنڌي بزرگن جي فهرست پڻ وڏي اهميت رکن ٿا. مولوي دين محمد وفائي، "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ مخدوم حبيب الله سيوهاڻيءَ جي مسودات تان استفادو حاصل ڪندي سندس حوالا ڏنا آهن. ساڳئي ڪتاب ۾پير حسام الدين راشدي مرحوم حواشيہ لکندي جيڪي مواد تحرير ڪيو سو پڻ هن بزرگ جي مسودات کي نظر ۾ رکندي ڪيائين.

مخدوم حبيب الله سيوهاڻيءَ جي نجي زندگيءَ جو احوال مختصراً مختلف تحريرن ۾ ملي ٿو. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي "تاريخ باب الاسلام" ۾ ڪرسي نامي جي هينين عبارت نقل ڪئي آهي. جنهن مان سندس جنم، پيءُ ڏاڏي ۽ زمانہ حيات جو اندازو ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جن نقل ڪندي لکن ٿا:

"المذنب و العاصي فقير زاده فقير باب الله حبيب الله عفي عنہ تولد در 1264 هجري مقدس، ابن الحاج الراکع و الخاشع مرحوم و مغفور مريد الله - تولد در 1230 هـ وفا تش در 1307هـ قبره در بين قبلتين مکہ معظمہ و مدينہ منوره زاد الله شرفا و تعظيمہ ابن مخدوم محمد مراد علي قادري هربز القابي - تولد در 1190 وفا تش در 1272 بوقوع آمد. ابن مخدوم محمد حسن حيدري القادري - تولد 1160 وفات 1220، و حضرت نعمان ثاني صاحب البياض سيوستاني عبدالواحد صغير تولد در 1150 وصال بحق 1224 ...."

پاڻ مخدوم محمد مجذوب سيوهاڻيءَ جو عزيز ۽ ناني هو جيڪو پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ فقيہ هو. ڪجهہ عرصو سيوهڻ جي قضا جو منصب پڻ سندس حوالي هو. پر بعد ۾ تصوف جي غلبي سبب اهي مشغلا ڇڏائجي ويس. هر وقت الله جل جلالہ جي ياد ۾ ئي گذاريائين ۽ اڪثر جذب جي ڪيفيت متس طاري رهندي هئي. مخدوم حبيب الله تي هن بزرگ جو وڏو اثر هو ۽ هي پاڻ بہ وڏي مريدي خادمي وارو هو. انهيءَ سلسلي ۾ سندس اڪثر حيدرآباد اچي رهڻ ٿيندو. هن ڪتاب جو لکندڙ محمد قاسم غازياڻي پڻ بہ شايد حيدرآباد ۾ ئي سندس مريد ٿيو.

"برهانپور کي سندهي اوليا" ۾ سندس هڪ خط جو حوالو موجود آهي جنهن ۾ مخدوم حبيب الله برهانپور ۾ موجود عزيزن کي منع ڪندي نظر ٿو اچي تہ هو ڪيس حيدرآباد نہ بلڪ سيوهڻ ضلع ڪراچي (تنهن دور ۾ سيوهڻ ڪراچي ضلعي ۾ هو) جي ايڊريس تي خط لکن جو هت سندس اچڻ صرف مريدي خادمي سبب ٿئي ٿو.

المڪتوب الحبيب جي لکجڻ جو سبب پڻ مختلف ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهي. گذريل عيسوي صديءَ جي اوائل ۾ قاضي هدايت الله مٽياروي جا پاٽ ۽ سيوهڻ جي بزرگن سان علمي بحث ۽ ردڪد هلندڙ هئا. تذڪره مشاهير سنڌ ۾ مخدوم حسن الله پاٽائي جي سوانح لکندي مولانا دين محمد وفائي رقم طراز آهي:

"ان ڪان پوءِ سنت ئي قاضي هدايت الله متعلويءَ جي ڪتاب "ڪواڪب السعادت" تي جهڳڙو پيدا ٿيو. جنهن ۾ ان صاحب حضرت امير معاويہ جي شان ۾ ڪي گستاخيءَ جهڙا گفتا ڪيا هئا. حضرت مخدوم صاحب امير معاويہ جي بچاءَ ۾ هڪ رسالو "تحفہ اولي الالباب في رد علي طاعن الاصحاب" لکيو ۽ اهو رسالو مولوي حاجي احمد بن فضل محمد ملوي ابڙو (متوفي 1338هہ) جي نالي ڪراچي مان شائع ٿيو ۽ اهو رسالو بہ سوني جتوئي جي ڳوٺ ۾ اسان جي سامهون لکيو ويو ۽ ڪتابن جي حوالن ڪدي ڏيڻ جو ڪم هن حقير راقم اوراق (دين محمد وفائي) جي حوالي هو."

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، تاريخ باب الاسلام جي باب پنجين ۾ وڌيڪ معلومات فراهم ڪندي ڄاڻائين ٿا ته:

”مٽياروي مولوي صاحب انهيءَ جي جواب الجواب طور ”رد الهفوات“ نالي هڪ ٻيو رسالو لکي پڌرو ڪيو، مولانا حاجي حسن الله صديقي پاٽائي پنهنجي تحرير ۾ مولوي هدايت الله مٽياروي کي ”ڪواڪب السعادت“ لکڻ تي تعزير جي لائق قرار ڏنو ته مولوي صاحب ماڳهين پرچار ڪرڻ لڳو ته پاٽائي صديقي خاندان سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اولاد مان نه آهي.“

واضح رهي ته جيئن ته هي خاندان مريدي خادمي وارو هو. تنهن ڪري مخدوم حبيب الله سيوهاڻيءَ جي فرمائش تي هن خاندان جي نجيب النسل هجڻ جي تصديق ۾ هڪ ٻيو رسالو تحرير ڪيو ويو ۽ ان جو نالو رکيو ويو ”المڪتوب الحبيب في السلسة النجيب بمطلب الهدايت من الله المجيب محض بامودة و لطف مولوي هدايت الله صاحب نظام شد“.

هن رسالي مان سنڌ جي ان برگزيده خانواده جي حسب نسب تي ڪافي معلومات ميسر ٿئي ٿي. ان رسالي مان ئي ان جي تحرير ڪندڙ محمد قاسم پٽي ان جي لکجڻ جو سبب مولوي هدايت الله کي مخاطب ٿيندي هنن لفظن ۾ ڄاڻايو آهي.

”جناب مولوي صاحب! اسانجي مرشد جو خادم معتبر (جيڪو) اوهانجي غيبت ڪرڻ جو سامع هو. تنهن اسان وٽ مريدن جي جماعت ۾ ذڪر پرچي ٿي ڳالهه ڪئي تڏهن اڇي بيشڪار بيڪار پيو. جنهن تمهيد غيبيءَ جي هڪ علام الغيوب کي سڌ آهي ته هٽ ڪير ۽ هٽ ڪير پر جن تفسيرن معتبرن اسانکي صحيح الانساب بابت پڪ ڏني آهي تڏهن ٿا لکون ور نه

”منم پُستلہ از قطر آب
ندانم کیسم این سرایم رباب“

هيءُ ڪتاب محمد قاسم غازياڻي پٽي پنهنجي مرشد گهراڻي جي حسب نسب تي مولوي هدايت الله صاحب جي تنقيدي لفظن ٻڌڻ ڪانپوءِ جذبات کي نه سنڀاليندي تحرير ڪيو. پر ڪتاب جي آخري صفحن تي لکيل نوٽ کي پڻ ڪنهن طرح نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي. اهي نوٽ پير

غلام شاھ حيدرآبادي ۽ نور الحق ميمبر لوڪل بورڊ سيوھڻ جا آھن. اھي نيڪ نفس پڻ تنھن دور سان تعلق رکن ٿا. سندن نوٽ ۾ واضح ڪيو ويو آھي تہ ميان ھدايت الله صاحب اھڙو ماڻھو ئي ڪونہ آھي جو اھڙا گفتا ڪدي بلڪہ اھو مولوي سڏائيندڙ ميان عبدالستار آھي. جنھن جو ڪم ئي آھي، تہ ڳالھہ ۾ وڌاءُ سڌاءُ ڪري ھتان جون ھت ويھي ڪري. اھو ھيءُ ئي آھي جنھن مولوي ھدايت الله مٽياروي تي ويھي اختراع ٻڌو آھي، ور نہ ھو اھڙو ماڻھو ئي نہ آھي جو اھڙيون ڳالھيون ڪري.

انھيءَ ڳالھہ جو دليل ونڻ لاءِ اسان ان حقيقت کي نہ ٿا وساري سگھون ۽ مٽيارين جا سرھندي بزرگ پاٽائي ۽ سيوھاڻي بزرگن جي درس ۾ شامل ھئا. حضرت پير غلام مجدد سرھندي تہ حضرت مفتي اعظم مخدوم حسن الله پاٽائي جا شاگرد رشيد ھئو. حضرت مخدوم صاحب پنھنجي پياري شاگرد کي علمي پڳ مٽائڻ وقت مختلف علمن ۾ جيڪا سند لکي ڏني اھا "لذة الارواح" ۾ ڇاڻايل آھي جيڪو پير غلام رسول سرھندي مٽياروي صاحب 1975ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪرايو.

مولوي ميان ھدايت الله صاحب وري سرھندي بزرگن جو معتقد ھو جيڪا حقيقت سندس تحرير "مناقب حضرت آغا صاحب" مان ثابت ٿئي ٿي. ھيءُ ڪتاب روشن الدين ولد محمد صديق قاضي مٽياروي 1974ع ڌاري شايع ڪيو پوءِ ھو بزرگ پنھنجي مرشدن جي مرشد يا استادن جي استاد سان علمي بحث ۾ رد ڪد تہ ڪري ٿي سگھيو پر انھن لاءِ ناھنجار گفتا ڪيئن ٿي ڳالھائي سگھيو. جڏھن تہ ھو پاڻ بہ اھل علم انسان ھو.

البت ھڪ علمي بحث جو پتو ڳذريل عيسوي صديءَ جي اوائل ۾ ملي ٿو. جڏھن ڏھين صدي ھجري جي ھمعصر جڳ مشھور عالم شيخ محمد طاھر پٽني ۽ سيوھاڻي پاٽائي بزرگن جي وڏي شيخ طاھر پاٽائي ثم برھانپوري کي ھڪ ئي شخصيت سمجھيو ٿي ويو. اھا غلط فھمي نہ صرف ھندستان جي عالمن ۾ رھي بلڪہ سنڌ جا عالم بہ شيخ طاھر پاٽائي کي بوھرن جو مرشد سمجھندا رھيا. اھڙي قسم جي روايت سامھون آئي آھي تہ مولوي ھدايت الله بہ ان غلط فھمي جو شڪار ٿيو ۽ زباني بحث ۾ حصو ورتائين. جنھن کي وچ وارن وڌاءُ سڌاءُ ڪري

بيان ڪيو. جنهن جي جواب ۾ محمد قاسم ٺٽي ”المڪتوب الحبيب“ لکي اهڙي قسم جي خدشن جو ڪافي ۽ شافي جواب ڏنو.

المڪتوب الحبيب جا قلمي نسخا: هن جي هڪ نسخي جو ذڪر پير حسام الدين راشدي ”مقدمہ“ حديقتہ الاوليا ۾ ڪيو آهي. جيڪو سندس زير مطالعہ رهيو. جڏهن تہ هڪ ٻيو نسخو حڪيم مخدوم محمد مراد صديقي سيوهاڻيءَ جي ڪتب خاني ۾ آهي. جنهن کان سواءِ ان جو هڪ مڪمل ۽ صحيح سالم نسخو بنده جي ذاتي ڪتب خاني ۾ آهي. جنهن تان موجود ڪتاب کي ڪمپوز ڪيو ويو آهي.

سليم الله

پاٿ هائوس حيدرآباد

جناب مولوي صاحب الحاج ميان هدايت الله دام علمه و عمله

بعد سلام سنت اسلام جي اطلاعي ڳالهہ هي تہ انقلاب جي دور جي صورت اوهان کان مخفي نہ آهي آءٌ ڇا لکي ظاهر ڪريان اڄ نقل پيو اصل کي مات ڪري. سچ! ملمعون پيو خالص ٿيون کي شهہ ڏئي.

افسوس تہ پير پيغمبر پدر مادر جي باب ۾ الاجي ڇا جو ڇا پيو ٻڌجي. بيشڪ گهڻن شقين جي عادت عقرب سا ٿيندي آهي جو تہ ان جي نہ ڪا محبت ڪنهن سان ۽ نہ ڪا عداوت خواه مخواه پتر نڪر ۾ وتي ڏنگ هڻندو. اوهان کي شال ايزد پاڪ جلشانہ رکي وٺي ڇو تہ جي اوهين عالم رباني تہ اوهان جي شان علم جيم هرگز لائق نہ آهي تہ ڪنهن بہ ناهنجار گفتار يا تمثيل ۾ شانائتا ٿيو.

جو پر پُٺ پاڻ مٿانهون ڄاڻي ٻين جي صحيح نسب ۾ اعتراض ناهنجار وٺي مستهزءَ ٿئي انا ڪفيناڪ المستهزئين چٽرجي لائق وارن لاءِ اُهو ڏٽي بس آهي. اڄ نسب مان ليي ڇا ٿو. اوتعاليٰ - ابن فلان ابن فلان يا مال دولت يا سونهن مان ڪنهن جي بہ راضي نہ آهي. اُتي عمل موچاري ۽ قلب سليم واري جي جاءِ آهي. پوءِ پلي تہ نسب ۾ ابوجهلي ڪو هجي تہ ڇا؟ شال دولت ايمان جي ۽ عمل موچارا شامل حال هجن انَ الله مع المتقين پوءِ ڪير بہ هجي تہ هجي.

پر افسوس تہ اڄ منقلب صورت ڪان خاص و عام ۾ ارڪان اسلام جيم گلا ڪرڻ بہ هڪ رڪن وڏيڪ درست ۽ مباح ٿي پيو آهي. الغيبت اشد من زنا ڏي ڪو خيال نہ آهي. گردش گردون ۾ اڄ اصلوڪن ويچارن جو طبقو واژگون ٿي رهيو آهي، جي ويچارا پنهنجي جبين مسڪين تي نيلگون داغ سهيو پيا شڪرمند رهن.

صبر کن ضعيفا براين انقلاب - کہ بر اهل ايمانست رنج و عذاب
چہ گويم درينوقت گلہ انقلاب - کہ گردون نو شتہ خطا برصواب

پوءِ اهڙيءَ تقدير جي کهڙي تدبير. چوڏهين صدي ڪرنيڪي تہ ٿي پوي بدي. زماني سيم و زر جي ۾ اشراف آنست کہ اشرفي دارد و کمينہ آنست کہ

ڪمي دارد - سڀ ڪو پڙهي اها ڪلي تہ جنهن جي دَرَ تي اَنَ جي پلي، ذات بہ اُن جي پلي. آدم جي ڪن لاٽ ڪان هڪ دانہ ۾ گرفتاري پلا جنهن جي دَرَ تي دانہ انباري تہ ان جي ڪيئن نہ ڦري ڪياڙي.

نفس شيطان ڪمتر از فرعون نيست
ليڪ اور اعوان اين راعون نيست

غيبت ڪان ماٺهن جي جڏهن ايزد پاڪ يا سندس رسول مقبول ﷺ يا اصحاب يا عبادالله الصالحين يا ڪي بہ عزيز شريف نہ ڇُٽا ۽ اجا نہ ڇٽندا اچن تہ تڏهن ٻيو ٽيون ڇا؟

ڪنهن ڏينهن منهنجي مُرشد جي پير واري معتبر ڳالهہ پيش ڪئي تہ مولوي صاحب ميان هدايت الله صاحب مٽارڪي عند ملاقات منهنجي فنا در فنا جا هوڪا نہ ٻُڌي ڪنن جا دروازا دماغي پنهنجي مَرَڪَ ڪان مسدود ڪري اسان جي مرشدن جي گهراڻي پاتاين ۽ سيوهاڻين جي صحيح النسب ڪي ناهنجار گفتار سان ڪوڙو ڇاڻي پنهنجي ڪذب لاف ڪان **ويل يومئذ اللمڪذبين** جي تنبيہ ڪان نہ ڊڄي پئي اعتراض ورتا. ميان سائين! سچن ساٽي ڪوڙن گهاٽي اهڙن آفتاب سا روشن اسان جي صاحبن رهنمائن جي حسب نسب تي اوهان جهڙن عالمن جا اعتراض ان جو ڇا سبب هوندو. والله اعلم ڪو ويل لڪل همزة لمزة جي ويل ڪان ترس نہ ڪائي پاڻ ڪي پلو بزرگ ۽ ٻين جي صحيح النسب ڪي ڊلو ڇاندو هوندو ۽ پہ شمرد ڪلمات ڪفر جي ڪنهن جي سچي نسب حسب تبديلي جا ڪفر بڪندو هوندو تہ ڇا سچ جي روشني ڪي حسد حقد جي ترٻءَ ڪوڙ جي سان ڇا ڪو ڍڪي سگهندو. اوهان جي تہ جاءِ نہ آهي ٻيو بہ هر ڪنهن جي نيت.

الناس ڪالمعاون ذهب والفضہ پتل پترازي جي کهڙي سرافرازي ڪل اناءِ يترشح بما فيہ پلي جنهن جي دل ۾ گلا جو گند هجي تہ چڪيس. اصلي اهڙا اشقياءَ اَزَلي جي اجا قُران ڪتاب الله سچي ڪي ڪلام الله عزوجل ڪريو پيا نہ وسهن، ڪي اجا پليت دل جا حضرت پير دستگير ڪي سادات صحيح نسب ڪي نہ تا ڄاڻن ڪي اهڙا العين بيدين حضرت سردار عالم ﷺ جي روشن تر رسالت جا منڪر اگرچہ اڪين سان اڳين پوين جا صحيفا پيا ڏسن تڏهن بہ انڌ ڪان ڏسي نٿا سگهن. اهڙن مشددن (تشدد ڪرڻ وارا) جا اقوال بطال ڇا قابل الاعتبار

چئبا هوندا. نامراد پليد يزيد بہ انسان بابنيان (عمارت بنيادي) هو پر ماڻهوءَ جي قلب تي اعتبار نہ آهي. نامراد کي ڪانہ انڌ ڪان خبر تي تہ ڪيئن تو ريحان رسول اللهﷺ جا ڪُهان.

وفا مجوي نرڪس دگر سخن بشنو - بهرزه طالب سيمرغ و ڪيميا بباش

سا وفا جي ايمان بشارت يزداني اڻ لپو نہ تہ سچو سخن جو صابري وفادار ڪجا بہ قرار ياد حسين رضہ نہ ڪا وفا نہ ڪا ڪيميا سڌ ۾ سڪي مُئا. ميان صاحبا علم جا عَلا هن ڪان وڏيڪ دور ڦير زماني جا گهٽ گهيڙ اوهان جي ضمير منير تي روشن. آءُ طوالت با خجالت (شرمندگي) ڪهڙي ڪريان مون ناقص نادان خام نويس جي تجنيس جي اِها ڏکهائي ڪرڻ بہ ڪجھ ڪمائي آهي. تون ڪير آءُ ڪين. لٽو ڏنڌو چُٽو چيڙو. ڪهڙو ڪنهن سان جهڳڙو جهيڙو. اصل ويڙو نقل پيڙو. نہ آهي ڪنهن جو سنڌو سيڙهو. آهي ڪنهن جي ڪونہ پيڙو. هيءُ هيءُ زماني حال اهڙو انالله وَ انا اليہ راجعون.

جناب مولوي مٺارڪا. پر تڏهن بہ ايترو چئجي تو تہ جڏهن آفتاب سا روشن نسب حسب تي اعتراض تڏهن چئبو تہ صحيح نسب ڪنهن ڪڙم پليري جو مُور ڪونهي اصلي آهي ڪونہ رڳو دل خوش ڪيو وينا لاف زن ٿين.

جي آهي تہ صرف تيلي ٽڪن ۽ ڪيمخاب جي ڪڙ تي ۽ زردار چيري ۽ ڪلنگي ۽ ڪُتن پلن ۽ بازن شڪرن ۽ پيلين ٻانهن جي هُل هوڪي تي. اهڙي موجودات تي حُجب صحت نسب جي چئجي تي. خيرٰ يا تسبي فريبي يا گلا جي بغچي يا معلمي پگ بلايءُ شهر بود قاضي ڪلان دستار

يا بلبل جي ڦاسائڻ لاءِ مُلهَ مست رند باز بلبل دل ڪنهن خادم جي دلالت مُلهَ جي چڙ چنڊ اُتي چندين بلبل دليون ڦاسائڻ تي ترقي خادمي مريدي ۽ عصايءُ مڪر جي اُتي پوءِ بہ ٿانڌي ٽوپيءَ آستان ٽڪاڻي يا ڪٽ جي قسم ڪٽائڻ تي خادم فيضور ٿيو تہ يا بسم الله. ورنہ ٿانڌي ٽوپي لاءِ تہ پيو ڪم ايندو. اهڙن ڪرشمن اڍنگن اُتي پلاٽي صحت نسب حسبٰ جي آهي يا چئبي هوندي پر فقيري نحيفي (ڪمزور) الفقر فخري جي هلت چلت تي نہ جا نسوري نفخ صوري جي ڏلاٽيءَ ۾ سچي بہ ڪوڙي حجت ۽ صحت آهي افسوس صدا افسوس.

شريف گر متضعف شود خيال بلند
کہ پائگاه رفيعش نحيف خواهد شد

بر آستانہ سيمين اگر بہ ميخ زر بزنند
گمان مبر ڪہ يهودي شريف خواهد شد

قول دانشمندن جا اڄ بيوزن ٿي چڪا آهن. مولوي صاحب جنهن رستي ۽ جنهن راستبازيءَ ساڻ هت اشارات نسب حسب جي گفتار برقرار ٿي آهي بيو ڪو جڏهن بہ تطبيق انيق (گهري مطابقت) ان جي پنهنجي قدمائي يا بزرگي ثقاقت (اعتماد جوڳا) جي اُهڃاڻن سان ڏيڪاري تہ اسين بہ مجون نت حضرتا علماءَ صاحب ليڪو آهي ڪونہ. مير جي باغ جا قاروان، پوءِ جهڙا ناٽيءَ ڪيڄيءَ جي باغ جا قاروان تهڙا مير جي باغ جا. صرف هوڪي هلت ۽ ناٽڪي چلت ڪٺي گهٽ وڌ ڪيو آهي. مير صاحب مري تہ لباس سندس نيت پير صاحب ڊڪي. وري جي ڪو غريب مري تہ ملو ڊڪي اگهہ مڙيو ئي هڪ، ملو ويچارو مسجد شريف جي خدمتگاري ۾ گهر گهر جا وندُ ڪائي. پير سونهارو ڏاڏا پير جي ڪٿ جا قسم ڪٺايو ڏاڏا جي قبر جي خدمتگاريءَ ۾ گهر گهر جا وندُ ڪائي. اِها سپ آڏوڏائيءَ سان لاڳو ٿي. فقط هوڪي هل ڪٺي سرڪشي وجهي صحت نسب جي شهرت ۾ آندي آهي. بيو سائين مولوي صاحب اوهين جي اسان جا مرشد خدا عزوجل رساڻ سجاڻو تا تہ پلا اهڃاڻ ڏيو تہ ڪتان تا آٽيو ۽ اوهين ڪتان تا اڇو ڪنهن بہ هڪڙي صغير ڪبير جي پيشانيءَ تي مهر داغ نسب جي ڪانہ تيل آهي. حقيقت ۾ پُٺ ورائي پنهنجي ڪنهن ڪانہ ڏني آهي. ڪير هوند قسم ڪٺي چوي تہ آءٌ برابر قطره ماءِ دافق جو صحيح بہ صحيح فلاڻي جو آهيان. هي تہ ويچارڙو شب زفان (شادي رات) ۾ عدم موجود پوءِ ڄاڻي اهو سدا موجود. باقي شرح تفسير جي بيان هن هن ڪي ڪٺي سچو پچو ڪيو آهي. هڪڙو تفسير بي جا مٽان لٺ ٿيو واڌو ڪونہ تہ پوءِ ادا جهوليائي تُنهنجي سچا ڪوڙا گڏجو پون اسان پچر ڇڏي. هائو هڪڙي ڳالهہ تہ مولوي صاحبا اوهان ڪي پنهنجي نسب موجود عدم موجود جي پڪ ٿي آهي ۽ انهي پندار ۾ بئي ڪنهن جي صحيح غير صحيح صورت جي وقوفيت نہ اٿو تڏهن ڇا وچ ۾ ڇئجي. اڄ ماڻهو تور پڙهيا پنهنجي اسلافي نسب ڪمتر ڪي ڏسي ڪين تا وتن سچن ڪي بہ پنهنجي ڪوڙ ۾ آلودو ڪندا يا جنابا من بدل نسبہ فقد بدل دينہ ثانيا من ادعيٰ اليٰ غير ابي فعليہ لعنت الله و الملائڪة و

الناس اجمعين.[1] العياذ بالله العظيم اهڙي تنبيه لعنت جيڪي به نه ڏسي ٿورو علم پڙهيو وتن ذات مٿائيندا ۽ ٻئي پيءُ جي دعويٰ ڪندا. سچ ڪوڙ جي اچ امتياز نه آهي سپ ڪو پاڻ کي پلو پيو ڇاڻي

ڪس نگويد ڪه دوغ من ترش اشت - ليڪ ياران چشيده هي گيرند

افسوس ويچارا اصيل ڪتي مني جا سجاٽندڙ تــهي خمخانه ڪري اُسهيا تڏهن هر ڪو پيو چوي ۽ حجت ڪري ته آءٌ پلو ڏڌ به منهنجو پلو. شرعي تسليم، رضا، شهادت ۽ شهودت صحت پري ڪا تي ڪانه رهي آهي. حجت ڪسب ڪوڙ جي ٿي سچ کي به شرمائي ڇڏي پيئي. هن دور ۾ نسب ته ڇڏ پر ڪنهن پير مرد يا عزيز وڏي جو ادب بجاءِ نه آهي.

بدور دورنگي چه جوئي نسب	ڪه در و بعيدست فضل و ادب
ز قومي قريشي و سيد هزار	بيا بي و پرسي اگر زان شمار
اگر نوڪري انگريزي شده	عجب قاضي امر خيزي شده
شد ارزان لقب قاضي بي نسدَ	باصل ارجه جولاه رشته تند
به پيراستن ڪوت پر ڪيسه زر	زبرداشتن چوب معڪوس سر
چو جاه فرنگي بيابد ڪسي	فضائل بر انباءِ دار بسي

هن زماني ۾ اڌ پڙهيا خودار مولوي مفيرمايند يا به نماز ڪو وقت نونگن ٽڪرن سان ڪو پڙهي ته پاڻ کي بزرگ ڪامل پيو ڇاڻائي غرض ميان علامه نسب حسب وارا جيڪڏهن ڪنهن کي پاڻ ڏيڪارڻو هجي ته ڪتاب دماج الغنم تصنيف مخدوم محمد ابراهيم صاحب مڏئيءَ واري عليه الرحمه جيڪي مطالعه ڪري ڪفر اسلام جو چرچو اڳين پوين جو اُتان صحت ڪجو. من خود را خوب خوانم ولي بحديث دگران اگر گنجم. پنهنجي وات جي زبان آڏو اصلي ڪڏ ڪانهي. جهڙي طرح ڪو هلائي ته خودمختيار آهي پر جنابا جيڪڏهن ڪنهن غير نسب جي پوري آگهي نه هجي ته تڏهن اوهان جي شڪوه گوئي ڪان پوءِ ضرور تو ٿئي ته صرف اشارات ۽ اُهجاڻن تي صحت انساب اسان جي رهنمائن قدس اسرار هم جي اطلاع طور لکي نه ڏيڪارجي سو ڇو؟ ۽ نڪي ڪنهن جي اڻ وقوفيت جي سبب ڪري صفائي ڪرڻ ۾ عيب يا خلل آهي پاڻ از ديار

[1] مَن ادعيٰ الِيٰ غير ابيه فعليه لعنة الله و ملائڪته و الناسِ اجمعين.

محبت ۽ دوستي جو ڏيکارو چون تا دل جي خلل کان متحمل (مطمئن) تيڻ افضل ترين آهي. تنهن کري اوهان جي علمائيت ۾ بغاوت جي اڏاوت ڍاهي ۽ اوهان جي اڻ وقوفيت جي ظلمت ۾ وري تازو مختصر اشارات جو چراغ پنهنجن مرشدن جي صحيح نسب جي اثبات لاءِ روشن کيو وڃي، تہ کيئن نہ ڀلو. اُميد آهي تہ ڀلي مرد موچارا عباداللہ الصالحين قدماءُ بزرگ اشرف اوهان جي نينڍپڻ جمار اسلامي جي کوتاه نظر ۾ هن ٽاٽي قابليت جي ۾ سمائجي اوهان کي شڪ شبہ غيبت کان بچائي ونن ۽ هيکاندي تشفي القلب کرائين، ۽ انهن جي ذريعي گهڻو ساڻ اوهان جي خود نمائي کامي وڃي ۽ هن زماني جي دورنگي جا اوهان جي علم ۾ سهٽي نہ تي لڳي. تنهن کان هٺائي اوهان کي يڪدل يڪرنگ کري يار يڳاني واحد لاشريڪ عزوجل ساڻ ملائين آمين، ثم آمين. دعاگو آهيون جنابا علامہ! اوهان کي کنهن بہ سعيد صحت کي شقاوت ۾ ڦٽائڻ ۽ غلط کرڻ نہ گهرجي ڇو تہ اوهين متدينين صاحب علم متين تي کوڙ سچ جي کسوٽي رکو تا. اوهان جي تصنيفات جا کتاب جن حجتن ۽ ثقن سان مخترع آهن سي ڏسي آءُ نادان گهڻو خوش ٿيندو آهيان. انهيءَ پروسي تي ۽ اوهان جي صدق جوئيءَ تي جا ڳالھہ صحت ڀري اوهان جي پيش پوي سا ڇو نہ ثابت ۽ درست ٿيندي ۽ ڇو نہ قابل الاعتبار ۽ برقرار چئي ويندا. بيشڪ سچي سون موزن کي (توريل) بيوزن نہ کندا. بشرطيڪ پاڻ بڌائڻ کونيءَ ۾ هرو ڀرو وارو تعصب نہ هوندو تہ سڀ کا آسان ۽ آسانيءَ ساڻ سمجهي سگهجي ٿو ور نہ

هنر بچشم عداوت بزرگتر عيب است
گل است سعدي و درچشم دشمان خار است

اوتعاليٰ عزاسمہ شال کا هدايت عالمن ۽ جاهلن کي بہ عطا کري.

جناب مولوي صاحب اسان جي مرشد جو خادم معتبر اوهان جي غيبت کرڻ جو سامع هو. تنهن اسان وٽ مريدن جي جماعت ۾ ڏک ڀرجي تي ڳالھہ کئي تڏهن اچي بيشکار بيکار پيو جنهن تمهيد غيبيءَ جي هک علام الغيوب کي سڌ آهي تہ هت کير ۽ هت کير ڀر جن تفسيرن معتبرن اسان کي صحيح الانساب بابت پڪ ڏني آهي تڏهن تا لکون ور نہ

منم پتلۂ خاک از قطرآب - ندانم کيم اين سرايم رباب

اسان جي صاحبن سيوهاڻين ۽ پاٺاين جي حسب نسب جي بساط بسيط اٿو. هڪ ٻه گهر يا هڪ ٻه قبيلو نه اٿو. جن هيئنين پارن جي شمار ساڻ تا اشارا ۽ نشان ڏجن سي خط بـ خط اسان سان صحيح بـ صحيح پيوند دلبند آهن باقي انتشار ٻُڌ سُڌ جو هت بيان ڪونه ٿو آڇجي. هيٺ لکيل پارا قريب بعيد هر يڪ ٻه ڪفو واحد منتشر ۽ مشتهر العصر ٿيندا ۽ سڃاڻبا پيا اچن.

قبة الاسلام پاتر يعني پاٺ اڳوٺي ۽ سيوهڻ ۽ هالاڻي ۽ ٽريچاني علائقه لوهري ۽ پنجاب شهر صيت پور صديقين جي اچ ستين ضلع مظفر ڳڙهه تحصيل عليپور ۾ ۽ هندستان ۽ ٻه ملڪ دڪن ۽ گجرات ۽ عربستان ۾ هي نڪ دراز جا بجا اطراف اڪناف ۾ پاتر پـُراڻي ڪان پکڙيل آهي هر جاءِ ڪان عادل شاهد موجود اساس ۽ نظيرن زمين پاتر جي ڪان - ايتري پٽ طويل واحد نسبي حسبي صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه جي اولاد ڪـي ڪيترو ڪو پاڻ متاهون سمجهي حسد حقد ۾ سڙي ڍڪي سگهندو. تنهن ڪان سواءِ انهن قبيلن جا پاڙيسري قبائل هڪ بين تي شاهد مشهود هرويرو ڪو ٻيو يا ٽيون اشقياءَ ازلي يا ڪو نيچ ذات پڙهيو ذاتي علمائن ڪي پاڻ ڪان ٻه گهٽ ڄاڻي اهڙن ڇٽن ذاتي عالمن سگورن ڪي نيچ ڄاڻندو هوندو ته ڇا؟ اوهين نه گمان بد ڪريو.

گر نه بيند بروز شه پرچشم - چسمه آفتابراچه گناه

مولوي صاحب هتي وريو وريو تڪرار سان ٿو لکان ذرو ڌيان تي آڻيندا ته هن مسڪين بي تمڪين جو اوهان علمائن سان ڪنهن طرح جو مقابلو نه آهي هيترو ڪلپڻ بـ هڪ چوڪراڻي تيسائي يا ٻاراڻي راند ٿو پانيان ورڻو ڇا ۽ ڪسڻو ڇا؟ جنهن مان الله جلشانه ڪري اٿاري. دلاتا ڪئي درين ڪاخ مجازي ڪني مانند طفلان خاڪبازي اوتعالىٰ عزاسمه هدايت ڏئي.

اوهان جڏهن گفتار ناهنجار علماءَ تي پيش وِڌي آهي تڏهن حق سچ جو پاسو وٺي چو نه مغز هڻجي نه ته ڪو ضرور نـه آهي هن نسب مخدوم صاحبن جي ڪيترا علام لاسيما ۽ محدث مشهور ۽ ولي جلي تي گذريا آهن اُميد ته ايتري صفائي اڪثر ڪنهن هنڌ تي نه ڏسندا ۽ ٻيو نه ته گهڻن هنڌ ڪن ڪن مشهور پڙهين (ٻيڙهين) ۾ ٻن ٽن واسطن سان عالم ڏسندا نه ته متي ڇٽن جا ڇٽ پر ڪي نه. هن نسب جي اظهار ۾ ڪا واٽ شجره طور نه لکيل آهي يعني ابن فلان ابن فلان جي شعور تي مثبوت نه ڪيو ويو انهيءَ ۾ ڪنهن جو ڇا؟ پر

جن ثقاتن سان اسان جي صاحبن جو سلسلو آبائي ثابت ۽ مضبوط تي صحيح الانسان تو تئي انهن نشانن پڌرن سان شمار ڪيل آهي.

پهريائين هن نسب جو منڍ حضرت صديق اڪبر خلافت گزين سرور ﷺ ڪان آهي. جنهن حضرت جي اولاد امجاد مان حضرت محمد مشهور هو جو حضرت امام زين العابدين جو ماسڙ قرابت ۾ هو ان جو حقيقي پٽ قاسم صاحب ستہ صحيحہ ۽ مرشد جمع خواجگان نقشبنديه ۽ نانو مبارڪ هو، امام حضرت جعفر صادق رضہ جو، هن قاسم صديق اڪبريہ رضہ کي ابو القاسم چوندا آهن. هن ڪري جو قاسم فاروقي جو سهرو هو ان جي اولاد ڏهن پيڙهين[1] کان پوءِ حضرت سلطان المشائخ عمر شهاب الدين صديقي سهروردي اولادي ڏهئن پوٽن وارو مبعوث هو. جيئن تہ رضوي سادات بکري سڀ سندس ڏهنا آهن. حضرت سهروردي قدس سره کي بلادالله عزوجل جا جمهور حضرت صديق اڪبر رضہ جي اولاد محمد متئين ذڪر ڪيل جي مان ڄاڻن ۽ سڃاڻن متفق راءِ سان. وچ ۾ ابن فلان ابن فلان جي لکڻ جو احتياج نہ آهي ڇو تہ هي بناءَ اهڃاڻن ۽ پڪن نشانن تي اڏيل آهي. نہ ڪرسي بہ ڪرسي شجره ظاهري شعور تي. باوجود هفت پشت متدينين جي لکيل دستخط ڪلام الله عزوجل جي آخرين ورقن تي موجود. وار مبارڪ سرور عالم ﷺ جو جيڪو لوهري شريف ۾ زيارتگاه آهي سو بہ حضرت سهرورديءَ کان ڏاج ۾ پنهنجي نياڻي معصومہ کي ڏنل هو جا مادر هئي سيد محمد مڪي بکري جي.[2] فرخ شاه

---

[1] شيخ عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي جي چاچي شيخ ابو نجيب ضياء الدين عبدالقاهر رحمت الله عليہ پنهنجو نسب پنهنجي دستخط سان تحرير ڪيو آهي. و اذا كان بخطه فهو اصَحُ" ابو نجيب عبدالقاهر بن عبدالله بن محمد بن عمويه واسمه عبدالله بن سعد بن الحسين بن القاسم بن علقمه بن النصر بن معاذ بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد بن ابي بكر الصديق رضي الله عنہ"

[2] سادات بکر ج مؤسس اعليٰ سيد محمد مڪي رحمة الله عليہ جي قبر ڪليڪٽري سکر جي بنگلي جي ڏکڻ طرف هڪ وڏي چوديواري اندر آهي.

پير حسام الدين راشدي مقدمہ حديقة الاولياءُ ۾ قلمي ڪتاب "شجره سادات" مؤلف سيد قمبر علي رضوي بکري تاليف 1261هہ جي حوالي سان سيد محمد مڪيءَ جي مزار ۽ قبرستان متعلق لکي ٿو: "سيد محمد [illegible] جي گهر وارا [illegible] حڪا شيخ شهاب الدين سهروردي جي نياڻي تئي. ان جو نالو بيبي سيده فاطمه هو، بيبي صاحبہ جو مقبرو مزس جي مقبري (قبر) جي اولاهين ديوار سان لڳ ٻاهران آهي."

سيد محمد مڪي شيخ الشيوخ سيدنا عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي بغدادي جو نياڻو هو يا ڏهٽو ان بابت ڪجهہ تاريخي ماخذ سندس ڏهٽي هجڻ تي مهر ثبت ڪن ٿا. جڏهن تہ [illegible] حديقة الاولياءُ ۾ ڄاڻايل ٻن ڪتابن منبع الانساب ۽ شجره سادات (هنسن)

ڪابلي امير شهاب الدين اجماع مريدن مان خاص مريد حضرت سهروردي جو هو، جو مرشد جي نالي شهاب الدين سبب ڪري پنهنجو نالو شهاب الدين نہ

۾ناني ڏيڪاريل آهي. ”منبع الانساب“ مؤلف مير معين الحق جهونسوي رحہ جيڪو سيد محمد مڪيءَ جي ستين پيڙهيءَ مان هو پاڻ جهونسي مان پنهنجي آبائي وطن بکر آيو ۽ خانداني شجره گڏ ڪري اهو ڪتاب تاليف ڪيائين. هن نسخي موجب سيد محمد مڪي کي چار فرزند سيدنا شهاب الدين سهروردي جي نياٽيءَ منجهان هئا. انهن مان ٻہ فرزند سيد صدر الدين ۽ سيد بدر الدين تہ ڇاوائي بکر ۾. سيد بدر الدين سهرو هئو سيد جلال سرخ بخاري سهرورديءَ جو جنهن مان اُچ جي بخاري سادات جو نسل آهي. سيد محمد مڪي جي ٻئي فرزند سيد صدر الدين جي پٽ بدر عالم جو فرزند سيد مرتضيٰ جهونسي ۾ وڃي رهيو. هن نسخي منبع الانساب جو لکندڙ انهيءَ بزرگ جي پيڙهيءَ مان آهي. انهيءَ ڪتاب جو هڪ نسخو (OR 226) برٽش ميوزيم ۾ موجود آهي.

منبع الانساب کان سواءِ پير حسام الدين راشدي مقدمہ حديقة الاولياء ۾ جنهن ٻئي نسخي جو ذڪر ڪيو آهي. اهو 1261هہ ۾ سيد قمبر علي رضوي بکري ”شجره سادات“ جي نالي سان تاليف ڪيو. هيءَ مستند نسخو پڻ سيد محمد مڪيءَ کي شيخ الشيوخ سيدنا شهاب الدين سهرورديءَ جو ناني ڏيکاري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ حضرت شهاب الدين سهرورديءَ جي نياٽي جنهن جو نالو بيبي فاطمہ آهي تنهن جي قبر مڙس جي قبر جي اولاهين ديوار سان لڳ آهي.

پير حسام الدين شجره سادات کي مستند ڇاڻائيندي لکي ٿو تہ 1934ع ڌاري انهيءَ جو هڪ نسخو سيد مير الهورائي شاهہ روهڙي واري وٽ هو ۽ هڪ نسخو نئي ۾ آهي جنهن جي آخر ۾ عبارت آهي:

بتاريخ بيستم شوال 1298هہ از مير حقير غلام مرتضيٰ مرتضائي متي ڇاڻايل بن قلمي نسخن ”منبع الانساب“ ۽ شجره سادات کي سيد محمد مڪي جي پنهنجي خاندان جي فردن پنهنجون سينہ بہ سينہ روايتون شجراءِ دستاويز سامهون رکي لکيو. شايد اهو ئي سبب آهي جو پير حسام الدين راشدي انهن کي مستند ڇاڻائي ٿو. انهن نسخن مان ڪجهہ گهربل ڳالهيون سامهون اچن ٿيون تہ:

(الف) سيد محمد مڪي شيخ الشيوخ سيدنا عمر بن محمد شهاب الدين السهروردي جو ناني هو نہ ڪي ڏهٽو.

(ب) شيخ شهاب الدين سهروردي جي نياٽي بيبي فاطمہ سڳوري جيڪا سيد محمد مڪي جي منکوحہ هئي. تنهن جي قبر مڙس جي قبر جي اولاهين ديوار سان گڏ آهي.

هتي جنهن ديوار جو ذڪر ڪيل آهي سا لوڙهہ واري ديوار آهي جنهن لاءِ مولانا دين محمد وفائي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ ڇاڻايو آهي تہ ان قبر سنگ سرخ جو لوڙهہ آهي. ان لوڙهہ تي ئي سيد محمد مڪيءَ جو شجرو نسب لکيل هو. جيڪو هن اتاريو ۽ اڳتي لکي ٿو تہ ڪتبي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سيد محمد مڪي شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو سڌو سنئون ڏهٽو آهي. وفائي صاحب ڪتبي جي ڪجهہ اکرن جي مٽجڻ جي بہ ڳالهہ ڪري ٿو ۽ ڏهٽي هجڻ واري عبارت بہ نقل نہ ٿو ڪري. ممڪن آهي تہ ان اڻپوري عبارت ۾ ڪيس شيخ شهاب الدين سهروردي جو لکيل نالو نظر نہ آيو هجي ۽ تحفة الڪرام واري روايت کي نظر ۾ رکندي سيد محمد کي ڏهٽو لکي ويو هجي. والله اعلم. ناني ۽ ڏهٽي واري روايت جي خلط ملط ٿي وڃڻ جو هڪ سبب نالن ۾ هڪجهڙائي آهي. جيئن سيد محمد مڪي بن سيد محمد شجاع بنهي پيءُ پٽن جي نالن جا پهريان لفظ سيد محمد مغالطي جو سبب بڻيا آهن. جو جو ان دور ۾ زباني ۽ سينہ بہ سينہ روايتون ان جو وڏو سبب رهيون آهن. تاريخ تحفة الڪرام ۾ اهڙيون گهڻيون غلطيون نظر اچن ٿيون. جيڪي نالن جي هڪ جهڙائي ڪري پيدا ٿيل آهن. جيئن شيخ الشيوخ شهاب الدين سهروردي بغدادي ۽ ان جي انين پيڙهي ۾ موجود شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني کي هڪ ئي شخصيت سمجهڻ ڪري سندن شجرو خلط ملط لکي ويو آهي. انهيءَ تحفة الڪرام تان نقل ڪندي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ مؤلف وفائي صاحب ۽

(هلندڙ)

چوائيندو هو. ٻيو شهاب الدين صديقي سهروردي مقتول گهڻو ڪري مجرد ٿا لڪن. جن عمر شهاب الدين سهروردي کي مجرد ڪيو آهي انهن جي ڦيرگهير وٽ بناوٽ بهاؤ الديني اقوام جا دفتر موجود پرهتِ اختصار سبب نٿو لکي سگهان.(1)

جي اچوڪن مرشدن شهابي سهروردين صديقين جي اسلامي مرشدائي نٿا سهن سي جي حضرت غوث ملتانيءَ قدس سره جوڪ مريد خاص هو سهروردي جو سي غوث کي بہ صديقي ڪري ويا آهن. شيخ شهاب الدين صديقي

انساب مشائخ سيوستان مؤلف مفتي اعظم حضرت سيدنا مخدوم حسن الله شاهہ پاٺائي صديقي (1920 متوفي) سيد محمد مڪيءَ کي ڏهنو ڏيکاريو آهي. جڏهن تہ هن ڪتاب المڪتوب الحبيب ۽ تاريخ باب الاسلام مؤلف ڊاڪٽر حبيب الله پڻ ڏهني هجڻ جي روايت کي بيان ڪيو آهي.

(1) شيخ شهاب الدين سهروردي مجرد ۽ مقتول جو قد آدم مجسمو اڄ بہ سهرورد جي علائقي (زنجان نزد سلطانيہ ايران) ۾ چوراهي تي نسب ٿيل آهي. سندس هٿ ۾ ڪتاب اهڙي انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي جو ڏسڻ واري کي ڪنهن وڏي حڪيم ۽ فيلسوف جو تاثر ملي ٿو. پاڻ حڪمت الاشراق جو مصنف آهي ۽ شيخ الاشراق جي لقب سان مشهور آهي.

هن شيخ شهاب الدين سهروردي ۽ سندس هڪ همعصر شيخ شهاب الدين سهروردي باني سهروردیہ سلسلہ جي نالن ۾ پڻ ڪيترا منجهن ٿا. جڏهن تہ اول ذڪر ڪيل شيخ شهاب الدين مقتول جو نالو يحيٰ سهروردي آهي ۽ آخرلذڪر باني سهروردیہ سلسلي جو نالو شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي آهي.

1925ع ۾ دارالطبع جامعہ عثمانيہ حيدرآباد دکن مان شيخ يحيٰ شهاب الدين سهروردي جو ڪتاب حڪمت الاشراق جو اردو ترجمو شايع ڪيو جنهن تي پڻ مصنف جو نالو غلطي سان "مائن ابو لفتوح عمر بن محمد سهروردي المعروف شيخ المقتول رحمتہ الله" لکيل آهي.

شيخ مجرد سهروردي جو هي ڪتاب حڪمت الاشراق گهڻو مشهور ٿيو. اشراق جي لغوي معنيٰ تاباني آهي. اصطلاحن ان مان مراد ڪشف ۽ روشن ضميري ورتي ويندي اهي. سندن دعويٰ هئي تہ اشراقي فڪر جا ماڻهو سڀ حقيقتون ڪشف ذريعي معلوم ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ هئا.

شيخ يحيٰ المقتول پنهنجي خداداد صلاحيتن سان معقولات ۾ اهو ڪمال حاصل ڪيو جو اسلامي دنيا ۾ سندن مقابلي جو ڪوبہ نہ هو. هو جڏهن حلب پهتو تہ اُتي جي موجود سيني عالمن جي شهرت کي گرهڻ لڳي ويو پوءِ تہ سندس لاءِ حسد پڻ پيدا ٿيو. آهستي آهستي متس الزام پڻ لڳڻ لڳا ڇو جو بعض معاملن ۾ سهروردي جي سوچ قدما جي عقيدن کان مختلف هئي. هن تہ زر دشتي دين ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاحن کي اختيار ڪندي بہ نہ ٿي ڪيبايو. آخر سلطان صلاح الدين ايوبي جي حڪم تي حلب ۾ کيس سزائي موت ڏني وئي کيس حلب ۾ ئي دفن ڪيو ويو. المقتول سهروردي ڪيترائي ڪتاب لکيا. جن ۾ حڪمت الاشراق، هياڪل النور، غربتہ الغربيہ ۽ رسالتہ في حقيقتہ العشق خاص شهرت ماڻي.

ان جي برعڪس شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين السهروردي صاحب عوارف المعارف سني العقيده تصوف جي چئن وڏن سلسلن مان سلسلہ سهروردیہ جو باني، مرشدن جو مرشد ۽ وقت جو امام هو. سندس سلسلي حياتيءَ ۾ ئي سنڌ ۽ هند ۾ وڏي شهرت ماڻي. ٻنهي شهاب الدين سهروردي بزرگن کي ڪجهہ مصنفين سامو ياٽج ڪري لکيو آهي. واضح رهي تہ شهاب الدين سندن لقب آهي. جنهن سان هو مشهور هئا.

سهروردي ثانيءَ سان ڳنڍي وڃ جو فرق مرشدي گهراڻي جو ڪيو ويا آهن ۽ ڪي تہ هاشمي قريشيءَ اسد بن هاشم مان لکي ويا آهن سا غلط بر غلط فهمي اتوَ. المختصر رسم الخط تي نشان ڪيو ويو اڳتي الله عزوجل ڄاڻي.[1]

---

[1] شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي (اول) ۽ شيخ شهاب الدين سهروردي پاتائي ثاني (802 - 894هـ) جي وچ واريون پيڙهيون هن طرح آهن:

شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني پاتائي بن ابومحمد عبدالله نور الدين (786 - 849هـ/1384 - 1445ع) بن شيخ سراج الدين ابراهيم (736 - 811هـ / 1336 - 1408ع) بن شيخ وجه الدين (699 - 780هـ / 1299 - 1378ع) ابن شيخ مسعود (739 - 848هـ) ابن شيخ رضي الدين (632 - 690هـ / 1234 - 1295ع) بن شيخ قاسم (589 - 652هـ) ابن شيخ محمد وهو معروف شيخ احمد عماد الدين عمادي (ڄم 558-659هـ) ابن شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين السهروردي بغدادي البڪري ڪبير (539 - 632هـ).

مٿي ڄاڻايل شجرو نہ صرف پاٽ ۽ سيوهڻ جي علمي "صديقي خاندان" جي ڪرسي نامہ جاگير جي سند ۽ ٻين دستاويزات ۾ موجود آهي بلڪ پير حسام الدين راشدي صاحب "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ مخدوم عبدالواحد ڪبير جي ذڪر جي حواشيہ طور جيڪو شجرو ڏنو آهي. سو پڻ مٿئين شجره سان مطابقت رکندڙ آهي. تحفة الڪرام واري ملتان شهر جو ذڪر ڪندي بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهرورديءَ جي احوال ۾ سندس نسب بيان ڪيو آهي ۽ سندس بہ مختلف شجرا ڏنا آهن. جنهن مان پهريون شجرو جيڪو مٿئين شجري سان مطابقت رکندڙ آهي تنهن کي لکڻ کان پوءِ چوي ٿو تہ "پهرئين لکٽي موجب شيخ صديقي گهراڻي مان آهي ۽ ٻئي شجري موجب اسدي" حقيقت ۾ پهريون شجره شيخ شهاب الدين ثاني سهرورديءَ سان تعلق رکي ٿو نہ ڪي بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهروردي جو آهي. تحفة الڪرام بهاءُ الدين السهروردي ملتاني جي پهرئين شجره ۾ غلطي طور ڏنل نالا جيڪي سندس ئي چواڻي تہ"صديقي گهراڻي" جا آهن سي اصل ۾ شيخ شهاب الدين صديقي پاتائي ثاني ۽ شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين بغدادي سهروردي (اول) جي وچ وارين پيڙهين جا آهن. اهي ئي نالا پير حسام الدين راشدي تذڪره مشاهير سنڌ. مخدوم عبدالواحد (ڪبير) جي ذڪر ۾ حواشيہ طور جيڪو شجرو ڏنو آهي ان ۾ ٿوري ڦيرگهير سان موجود آهن.

جديد تحقيق موجب جنهن ۾ ملتان جي بزرگن جا پنهنجا دستاويز ۽ شجره پڻ شامل آهن. حضرت بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهروردي "صديقي گهراڻي" سان تعلق نہ ٿو رکي. البت تحفة الڪرام واري کي سندس "صديقي گهراڻي" سان مغالطو بہ سببن جي ڪري ٿي سگهي ٿو. هڪ تہ ملتان جي بزرگن جو تعلق پڻ عرب جي قريشن سان ڏيکاريو وڃي ٿو ۽ هو قريشي مشهور العصر آهن ٻيو تہ تاتارين جي هٿان عروس البلاد بغداد جي تباهي ۽ افراتفري سبب عراق جي عالمن ۽ خاندانن بغداد ڇڏي "بغداد ثاني" ملتان ۽ سنڌ هند جي ٻين شهرن ۾ آباد ٿيڻ شروع ڪيو. انهن مان هڪ "صديقي گهراڻو" شيخ الشيوخ شهاب الدين السهروردي بغداديءَ جو هو. اهو گهراڻو جيئن تہ ملتان جي بزرگن جو مرشد گهراڻو هو. ان ڪري ڪيس هن علائقي ۾ آباد ٿيڻ ۾ نہ رڳو آساني ٿي. بلڪ انهن ٻنهي گهراڻن جون مٿيون مائٽيون پڻ ان مغالطي جو سبب بڻيون. ايتري حد تائين جو بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهروردي پنهنجي مرشد شيخ شهاب الدين سهروردي بغدادي جي ويجهي عزيز فخر الدين عراقي کي نہ رڳو پنهنجو داماد بڻايو. بلڪ ڪيس پنهنجو جاءِ نشين بہ مقرر ڪيائين. جنهن ڳالهہ تي ڪن سبب ڪري عمل نہ ٿي سگهيو.

"انساب مشائخ سيوستان" پڻ تحفة الڪرام جي ان مغالطي طرف اشارو ڪندي لکيو آهي تہ: "شيخ شهاب الدين ثاني سهروردي پاتائي ۽ شيخ شهاب الدين (اول) (هلندڙ)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

حضرت سهروردي عمر صديقي قدس سره جي اولاد مان سنڌ ۾ شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني عالم ۾ مشاهير العصر هو. جيئن عمر بن عبدالعزيز فاروقي کي فاروق ثاني چوندا ويا هوا تيئن هن شيخ شهاب الدين صديقي کي بہ سهروردي ثاني چوندا اُسهيا. هر ڪنهن ڪتاب خصوص تحفة الڪرام ۽ تاريخ طاهري ۽ نعمت الهيٰ وغيره اوراقن ۾ ڪٿس شهاب الدين صديقي سمجهي لکندا اچن ۽ ڪن شهابي سهروردي ڪري لکيو آهي. پر سڀ ڪان اثبات حقيقت هي تہ خود حضرت عين العرفا قطب الاقطاب مسيح الاوليا پنهنجي تصنيفات ڪتب ۾ جهڙو ڪتاب عين المعانيءَ جي ديباچہ ۾ پنهنجو نسب شيخ شهاب الدين تائين متفق لکي ڪٿس شهابي سهروردي چاڻايو آهي سنہ 989هہ ۾ اِهو ڪتاب مطبوع ٿيل آهي. گهڻن وٽ موجود آهي.

اهو اهڃاڻ اهڙي ولي اڪمل عادل شاهد جو ڪافي آهي. سنڌ ڏيهہ ۾ بادشاهن جي ارادت سان ملتان کان نڪري وطن پنهنجي قبة الاسلام پاتر ۾ اختيار ڪيائون. اڪثر ڪتابن مان سندن حوالا ملن ٿا پر گلزار ابرار ڪتاب جو قديم ڪتاب گجرات ۾ بادشاهہ جهانگير جي وقت ۾ تاليف ٿيل آهي ان ۾ آڻين ٿا تہ مسيح الاولياءَ جو ڏاڏو ۽ شيخ ابو الفضل اڪبري ۽ شيخ فيضيءَ جو ڏاڏو پاتر شهر جي آبادي لاءِ متفق هوا. سو اهو شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني هو جنهن کي پاتر جو پرڳڻو جاگير ۾ مليل هو اجا سندس پٽ شيخ معروف جي ڍنڍ سندس نالي تي معروفاني ڍنڍ حوالي پاتر پراڻي جي مشتهر آهي سندس پيٽ ۾ زمينات پوکہ ۽ باغ سندس اولاد جي ارث ۾ هلندا اچن. اها ڍنڍ پڌري مخدوم اسماعيل عليہ الرحمہ جي روضہ مبارڪ هينئان نشانبر آهي. انهي ڍنڍ جي مٿان مخدوم حسن قاري ولي الله جي مسجد شريف ۽ ڪوه پڪو زمين باغيچہ تاحال اسان جن مرشدن جي مائٽن جي قبضہ ۾ آهي. اگرچہ هن ٺاٽي ۾ آسپاس يا پيٽ ڍنڍ معروفانيءَ جي ۾ زمينات ٻين اقوام جي بہ هٿ ۾ آهي پر اهڙين صورتن جا بيان ۽ گردش گردون نيلگون جا پيير نشيب فراز هت لکي نٿا سگهجن ۽ مخدوم حسن قاري قدس سره مسيح الاوليا جو

بغدادي سهروردي ۾ هڪجهڙن نالن جي مغالطي سبب پيڙهيون رهائي ويو آهي." جتي شيخ شهاب الدين اول بغدادي جو نالو اچڻ گهرجي اتي سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جو نالو ڏنو اٿس. اهو سمجهندي تہ شايد شيخ شهاب الدين ثاني ئي شيخ شهاب الدين بغدادي اول آهي.

حقيقي پوٽو هو. قبر سندس پراڻي پاتر ۾، سنديس مرقد جي چوڪنڌي طغياني پاڻيءَ درياءَ جي ڪري منهدم آهي هن مهل اُهو تودو جاءِ درنده گزنده جي آهي بدون صداءِ مرغان ڪو ڪو ڪهان ڪهان زاغن جي ٻيو ڪي ڪين ٻڌجي ۽ ڏسجي ٿو.

چمن کي تخت پر جسدن شہ گل کا تحمل تها
هزارون بلبلون کا وهان پر شور اور غل تها
خزان کي دن جو ديکها کچهہ نهين جزخار گلشن مين
بتاتا باغبان رورو يهان غنچہ يهان گل تها

دليل جليل نسب آبائي قريب اسان جي مرشدن پاتاين ۽ سيوهاڻين جي نسبت ۾ جنهن اهڃاڻ سان صحيح النسب سندن ٿو چئجي سو مسيح الاوليا يعني حضرت شيخ عيسيٰ صغير سندي پاتائي برهانپوري پيشواءِ طرق قادري شطاري العشقي بن شاه قاسم سنڌي پاتائي برهانپوري قدس اسرارهم هو جو هي حضرت قدس سره ڇهين پيڙهي پوٽو آهي[1] حضرت شيخ شهاب الدين صديقي سهرودي پاتائي ثاني مٿي ذڪر ڪيل جو - پڌرو عين المعانيءَ ۾ بموجب ثقہ ڏسو اسان جا رهنما هن زماني جا انهي مسيح الاوليا جي صلب کان ملن ٿا. شيخ شهاب الدين ثانيءَ ۾، ۽ اِهو ثاني ملي ٿو عمر شهاب الدين صديقي سهروردي قدس سره جي پٽ ۾، ۽ هي صاحب ملي ٿو حضرت صديق اڪبر رضہ جي پٽ اشرف ۾. فافهم عليٰ ذالڪ. ايها الصاحب الحق والتحقيق اين نوع شجره را در نظر صديق گنجانند بجائ انصاف بغير لاف و گذاف اللهم انت حق المبين وغير ڪلهم في حسرت الدنيا والدين

حضرت شيخ عيسيٰ مٿي ڄاڻايل جا لقب سڄاڻپ جا ڪتابن ۾ ڏسو. هن حضرت قدس سره جا ذڪر هر ڪنهن ڪتاب ۾ مالا مال آهن ۽ اوهين سڃاڻوس جيئن تہ ڪٿن هينين القابن سان لکن ٿا. هند ۽ گجرات ۾ لقب جند الله، عين العرفا، مسيح الاوليا پر هي لقب عام هند گجرات ۾ سندن هلندڙ آهي ڪُنيتہ ابوالبرڪات لقب سندن قطب الاقطاب، امام المحدثين، قدوة

[1] اهي پيڙهيون هي آهن:
حضرت مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ جندالله پاتائي ثم برهانپوري ابن شيخ قاسم سنڌي ابن شيخ يوسف سنڌي ابن شيخ رڪن الدين ابن شيخ معروف ابن شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني پاتائيؒ.

الابرار، زبدة الشطار، شيخ الزمان، پير دستگير، قبلہ وقت، حضرت صاحب، مسيح القلوب ۽ حافظ. مٿي لکجي چڪو آهي تہ پاڻ پنهنجو نسب سنہ 989 هجري مقدس ۾ عين المعاني جي ديباچہ ۾ حضرت شيخ شهاب الدين شهابي سهروردي تائين لکيو اٿن. شهاب الدين ثاني صديقي جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي. حافظ نالي مان سنہ 989هہ تاليف ڪتاب عين المعانيءَ جو ڪڍيو اٿن.

حضرت مسيح الاولياءَ جو حال ڏسو ڪتاب خمسہ جواهر مطبوعہ تصنيف ٿيل حضرت محمد غوث گوالياريءَ جي ۾، [1] ڏسو گلزار ابرار سندس ترجمہ اردو نالي اذڪار ابرار ۾ مطبوعہ مفيد عام آگره ۾ سندن وطن مالوفہ قبلہ گاه سوڌو پاتر ۾- ڏسو ڪتاب مصباح النجاة في شرح مفتاح الصلواة تصنيف مخدوم محمد صادق گچيرائيءَ جي ۾ سندن وطن سنڌ پاڻ سميت لکيل آهي. ڏسو ڪتاب انتباه في سلاسل اولياءَ الله مولف شاه ولي الله محدث دهلوي جو مريد هو خلفاءِ حضرت شاهہ عيسيٰ پاتائي برهانپوري مسيح الاولياءَ جو ڏسو تاريخ خورشيد جا هي مطبوعہ مطبع خورشيديہ. ڏسو شرح حافظ ديوان مولف سيد صادق علي لکنوي. ڏسو ڪتاب درالدارين في مناقب غوث الثقلين مولف سيد غلام علي القادري الموسوي مطبوعہ مطبع عزيز دکن ڏسو خزينة الاصفياءَ مولفہ غلام سرور مطبع هند لکنو - ڏسو تاريخ برهانپور مولفہ محمد خليل الرحمان مطبع مجتبائي دهلي ڏسو تاريخ الاوليا مولفہ سيد امام الدين احمد مطبوعہ مطبع فتح الڪريم بمبئي. ڏسو ڪتاب فتوح الاوراد شاهہ فتح محمد محدث ڏسو ڪتاب فتوح العقائد مولفہ بابا شاهہ فتح محمد محدث برهانپوري.

---

[1] جواهر الخمسہ دعائن ۾ وظائف جو مشهور ڪتاب آهي. جيڪو حضرت غوث گواليار جو تحرير ڪيل آهي. سلسلہ شطاريہ جي پوئلڳن ۾ ان ڪتاب کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. حضرت غوث محمد گواليار حضرت مسيح الاوليا جي چاچي شيخ طاهر محدث ابن شيخ يوسف سنڌيءَ جو مرشد هو. ان ڪان علاوه حضرت مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ جندالله جي مرشد شيخ لشڪر محمد عارف جو پڻ مرشد آهي. سلسلہ شطاريہ ۾ حضرت مسيح الاوليا جو مقام پڻ اوچو تصور ڪيو وڃي ٿو. بلڪ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ محسوس نہ ٿو ٿئي تہ ڪانئس پوءِ ان سلسلي ۾ سندس مقام جو ڪو ٻيو بزرگ نظر نہ ٿو اچي. اهو ئي سبب آهي، جو جواهر الخمسہ جي بعد جي نسخن ۾ حضرت مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ جو اسم مبارڪ پڻ داخل نظر اچي ٿو. جيئن اڳين نسخن ۾ ڪيترن وظيفن شروع ڪرڻ ڪان اڳ لکيل آهي تہ هيترا هيترا نفل پڙهي حضرت غوث محمد گواليار رحہ جي روح فتوح کي بخشيو، تيئن بعد جي ڪيترن نسخن ۾ اهو شامل ڪيو ويو تہ هيترا هيترا نفل پڙهي حضرت مسيح الاولياءُ شيخ عيسيٰ جندالله جي روح فتوح کي پڙهي بخشيو تنهن ڪان پوءِ هيءُ وظيفو شروع ڪريو. انهيءَ سان پڻ حضرت مسيح الاوليا رحہ جو سلسلہ شطاريہ ۾ مقام واضح ٿئي ٿو.

حضرت مسيح الاولياءَ کي امام المحدثين جو خطاب مستطاب حضور سرور عالمﷺ جي مان عطا هو کما حرره صاحب دُرالدارين في مناقب غوث الثقلين - حضرت مسيح الاولياءَ جي والد امجد شيخ قاسم محدث کي رئيس المحدثين جو لقب حاصل هو سردار عالمﷺ جي درگاهہ عاليجاه مان. (درالدارين ۾)

جيڪڏهن حضرت مسيح الاولياءَ جي مرقد مبارڪ جي سنڌ ڏيهہ ۾ زيارتگاهہ هجي ها تہ هوند گهڻو ڪري گهڻا قبا سونا چٽيل سنڌ جا وسري وڃن ها پر سندن درگاه عاليشان قبي سان هند جي بادشاهن شهر برهانپور جي سنڌي پوره ۾ زيارتگاهہ خاص و عام جي ڪئي آهي. سنڌي پورو يا محلو وڏو برهانپور ۾ پڌرو آهي. سنڌي پوره ۾گهڻااولياءَ آسوده آهن ۽ سنڌي پوره نالو حضرت مسيح الاولياءَ سنڌي جي ڪري پيل اٿس. ڪما حرره صاحبَ تحفتہ الاذڪيا في بيان مسيح الاولياءَ مطبوعہ مطبع اَبو العلائي حيدرآباد دڪن مولفہ سيد عزيزالدين برهانپوري.

ڏسو تذڪرة الانساب ۾ سندن ذڪر موجود مولفہ سيد امام الدين احمد گلشن آبادي ڇاپيل ۾ ڏسو تحفتہ الڪرام تاريخ سنڌ جي ۾. حضرت مسيح الاولياءَ اهو مرد عبادالله الصالحين مان مقرب الله العظيم هو جو ملفوظات خواجہ سيد قاسم نقشبندي جي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سڀ ڪنهن مجلس معرڪه ذڪر قال الله قال رسول ﷺ جي ۾ جڏهن بہ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي معمور هئي تہ انهيءَ هر ڪنهن وقت ۾ سندن درجله دهان گوهر افشان مان ذاران لقب مسيح الاولياءَ جي ڇڙهو نالو حضرت شيخ عيسيٰ قاسم سنڌي جو نہ تي زبان مبارڪ تي آنداٿون. سبحان الله مشرب اوليائن جا اُهوئي ڇاڻي ڇاڻ وارو جلَ عظمته و جل شانه بي ڪنهن ڪي خبر؟ ساري هندستان ۾ اولاد مان حضرت شيخ شهاب الدين عمر سهروردي صديقي جي مسيح الاولياءَ لقب سان سچاپن الحمد الله عليٰ ذالڪ انهي اساس سان هن وقت جا نظيرا سندن ڇو نہ صحيح الانساب صديقي چٽبا هوندا.

جناب مولوي صاحب زماني جي روءِ تي پيو ڏسجي تہ هر ڪو پيو پنهنجي آڏوڏائي ڏيڪاري يا هر ڪو پنهنجا ساراهي تڪو ڏيئي اَبو ٽپائجي جا رسم اوهان ڪان مخفي نہ آهي پر هت جيڪي لکيو وڃي ٿو سو هر سخن شاهدن عادلن موجب جو چڱو ڀاڱو بہ انهي دستور نيڪ شعور تي هر دلپذير آهي.

خوشتہ آن باشد کہ سردلبران گفتہ آيد در حديث ديگران

ڪتاب معارف الدنيہ تصنيف حضرت امام رباني عليہ الرحمہ جي ۾ ڪو مغلق اسرار اڪسيري مقامات معرفت يزداني آهي جن جي عقده مالايخل لاءِ بہ ڪو واقف اسرار پروردگار جي جو لکن تا. گلزار ابرار جي ترجمہ اذڪار ابرار ۾ معارف الدنيہ جي ذڪر ۾ آٽين تا تہ انهن مقامات جي عقدن مالاينحل جي رُشد لاءِ اوتعاليٰ عزاسمہ سڀ ڪنهن قرن مثان هڪڙوئي مخصوص مبعوث فرمائيندو آهي سو منهنجي يعني صاحب گلزار ابرار حسن محمد غوثي عليہ الرحمہ ڪان اڳ اتيل جيڪي هوا انهيءَ اسرار جي ڪشف لاءِ تنجا نالا متن ڪتاب جي ۾ مفصل آهن سي گذري چُڪا ۽ هاڻي منهنجي قرن ۾ ڏهين يارهين صديءَ ۾ اهڙن مريضن درد مندن مقامات عرفات جي تحليل لاءِ حضرت مسيح الاولياءَ رحمہ ربہ هڪڙوئي مخصوص مبعوث آهي اهڙن مريضن دردمندن طالبن اوتعاليٰ جي معرفت وارن جو علاج انهي حضرت مسيح الاوليا قدس سره جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ سان منحصر آهي.

بيشڪ حضرت طوطي هند جي ڇهنب شڪر خوار جي فيض ڪان راه نقشبندي جا طالب بيشمار شڪر گذار هليا اچن. ۽ سندن عهد سڳوري ڪان طرق نقشبندي جو انتشار انهي حضرت طوطي هند مقبول پروردگار جي ڪان هو. پر انهي راه جي فوقيت جي مخبري حضرت مسيح الاوليا ڪي هئي ۽ انهي طرق جي خاصگيءَ جا عادل شاهد هوا. جنهن ڪان صاحب زبدة المقامات فيض گير حضرت مجدد امجد جو ۽ خليفہ اجل حضرت خواجہ سيد نعمان نقشبندي برهانپوري قدس اسرارهم جو شڪر گذار يا چمار هو يعني عادل شاهد انهي طرق جي فوقيت جو شروعات انتشار ۾ هڪڙو حضرت مخدوم عبدالاحد والد امجد حضرت مجدد جو سرهند مان ۽ بيو عادل شاهد حضرت امام المحدثين مسيح الاوليا پاتائي برهانپوري النقشبندي القادري الشطاري العشقي قدس اسرار هم هند ۾ هوا. ڏسو زبدة المقامات تذڪره خواجگان نقشبندين جي ۾. جن ڏينهن ۾ اجا راه نقشبندي جي پوري پڪڙيل نہ هئي تن ڏينهن ۾ مسيح الاوليا جا گڏيات راه نقشبندي ۾ بہ هوا پر گهڻو ڪري پاڻ حضرت قدس پيشوائي راه شطار پاڪ جا هوا. اها راه پنهنجي متي خصوصيت تي ڏيڪاري عرفان حق جي جي. هي اُهو مخصوص طرق هو جو حضرت مجدد امجد بہ انهي

بحار جي فيض کان سيراب هوا. جن ڏينهن ۾ حضرت سيد نعمان خليفہ حضرت مجدد امجد اجازت گير ٿي برهانپور شهر ۾ راه نقشبندي جي پکيڙ ٿي ڪئي تن ڏينهن ۾ بہ پيرا موٽيا ويا. وريو وريو مرشد جي خدمت ۾. جو تہ ترويجي طرق جي نہ ٿي سگهي هئي. قادرين ۽ شطارين جو اڪمل شغل هو ۽ ڪي ڪتاب چون ٿا تہ طرق نقشبندي چلت برهانپوري ڏيهہ ۾ مسيح الاوليا جي ترغيب تحريص ساڻ زور ورتو هو. اهڙا عنوان ڪتاب زبدة المقامات مان چوندي ڏسو ۽ تاريخ برهانپور مان بہ.[1]

حضرت مجدد امجد ۽ مسيح الاوليا قدس أسرار هم جي پاڻ ۾ ڪمال محبت هئي.[2] جو منظور صحبت مسيح الاوليا جو هو سوئي منظور حضرت مجدد وٽ هو. خزينة الاصفيا ۾ ڏسي وٺو. حضرت مسيح الاولياءَ سنہ 1031هہ ۾ وصال ڪيو هو ۽ حضرت مجدد امجد سنہ 1034هہ ۾ لکن ٿا تہ جيسين حضرت امام رباني جو والد امجد حضرت عبدالاحد سرهند ۾ حيات هوا تيسين حضرت مجدد قدم پنهنجو شهر کان باهر نہ ڪيو هو. پوءِ پنهنجي مرشد جي حضور ۾ مصاحب هوا تن ڏينهن کان حضرت مسيح الاوليا مخبر فوقيت راه نقشبنديءَ جو هو ۽ پاڻ بہ مائل انهي راه جا هوا. جن ڏينهن ۾ خواجہ سيد محمد هاشم صاحب زبدة المقامات وارو خواجہ عبدالاحد جو بيان ڪيل فوقيت طرق نقشبنديہ جي جو حضرت مجدد کان نقل بڌي راهہ سفر جي وٽي آزمائش ٿي ڪئي تہ بيو بہ ڪو مشائخ بئي طريق جو فوقيت بين طريقن تي نقشبنديءَ جي فرمائي ٿو ڪي رڳو مخدوم عبدالاحد سرهندي. سو سيد جڏهن برهانپور ۾ پهتو تہ اُهو ٿاڻو سنہ 1032هہ جو هو حضرت مسيح الاوليا جي وفات کان بعد هڪ ورهيہ پوءِ درگاهہ فيضياب مسيح الاوليا جي ۾ پهتو ۽ فوقيت راه

---

[1] ان جي تصديق مولانا سيد زوار حسين شاهہ جي ڪتاب "حضرت مجدد الف ثاني" مان بہ ٿئي ٿي. هي ڪتاب اداره مجدديہ ناظم آباد ڪراچي مان شايع ٿيو آهي. ان ۾ پاڻ رقمطراز آهن تہ: "خواجہ مير محمد نعمان بدخشي رحہ بہ دفعہ برهانپور ويو." پر جيئن تہ ان شهر ۾ شيخ عيسيٰ روح الله رضمهما الله جهڙا صاحب علم حال و قال ۽ اهل ڪمال و اڪمل موجود هو. ان لاءِ اتي سندن طريقہ جي اشاعت نہ ٿي سگهي. پاڻ واپس اچي حضرت جي خدمت ۾ حقيقت حال عرض ڪيو."

[2] حضرت مسيح الاولياءُ جي روحاني پرواز ۽ درجي جو ذڪر حضرت مجدد الف ثاني مڪتوبات جي باب ياز دهم معہ اول ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: "ميان شيخ و شيخ عيسيٰ و شيخ ڪمال در جذبہ بنقطہ فوق رسيد اند."

نقشبنديءَ جي حضرت سجاده نشين وڏي پٽ مسيح الاوليا شيخ عبدالستار قدس سره کان لهي شڪرمند ٿي اسهيو هو.

حضرت مخدوم عبدالستار مٿيون ڳوٺ پاتر ۾ ڄايل هو پوءِ برهانپور ۾ قبلہ گاه وٽ صحبت ۾ هوندا هوا. سندن ذڪر تحفة الڪرام ۽ تاريخ برهانپور ۽ گلزار ابرار ۽ تحفة الاصفيا وغيره جاين تي مطالعي سان ملي سگهي ٿو پورن حوالن سان.

ان جي اولاد مان هندستان ۽ گجرات ۾ هريڪ فيضرسان ٿي گذريا آهن ۽ ڪي ملڪ دڪن جي ۾ بوصال الحق پهتا ويا. اهي سيئي پنج پير پاڳيا مشهور معروف لڳن ٿا صديقي نسب سان - پنجون پير شاهہ عطا علي صاحب صديقي سجاده نشين درگاهہ مسيح الاولياءَ جي جو هو. اُن ڪي پٽ ڪونہ باقي رهيو. صاحب سجاده پنهنجو ڀاڻيجو محمد غضنفر صديقي ڪيو هواءُ ۽ هي تمسڪ لکي ڏنائين.

نقل تمسڪ

حضرت شاهہ عيسيٰ جند الله عليہ الرحمة من الله عطا علي قادري

برڪُل صنعا روڪبار مرد مان قبائل و عشائرو منسلڪان

خاندان اين فقير پيدا و هويدا باد- و قتيڪ من مقر مذڪور نطاق سفر برميان عزم سمت دارالخلافت مصمم بست خيال بعدم اعتبار نقطہ حيات در حرف دنيا بي ثبات برورق خاطر نشست بناءِ عليہ خرقہ خلافت و سجاده نشيني روضہ منوره وخانقاه مطهره حضرت مسيح الاوليا ڪہ از والد ماجد خود بود بلامشارڪت و مزاحمت احدي ڪہ يافتہ ام بہ برخوردار محمد غضنفر ڪہ همشيره زاده حقيقي اين فقيرست خلافت و سجاده نشيني درگاهہ فيض جاه بلا اشتباه حضرت مسيح الاوليا رحمتہ الله عليہ داره قائم و مقام خود گردأينده شد ڪہ موافاق معمول و مستمر من مقر مذڪور مراسم عرس و صندل حضرت و ديگر عرائس بزرگان عليهم والغفران بہ موجب تفصيل مرقومہ الذيل مسلوڪ و مرعي ميداشتہ باشد در مدخل و مخارج موضع بهنباره و موضع رائيڪانون و حويليهاو اراضي وغيره حصہ مشروطہ مخارج درگاهہ مبارڪ بہ موجب مرضي و بشرط احڪم حضرت والده ماجده اينجانب دخل نمايد دبي استمزاج حضرت موصوفہ سرموتفاوت و انحراف نہ ورزد و نيز اين شرط است ڪہ فاتحہ همہ بزرگان موافق

تفصيل مرقومة الذيل ماه بہ ماه مي نموده باشد و در مخارج كسي معمول كفايت و بهتان نہ ورزد و فاتحہ بزرگان اين است.

عرس بحر مواج معارف حضرت شاہ لشكر محمد عارف روز عيد الفطرت ست.

عرس شيخ ابو القاسم پدر بزرگوار حضرت مسيح الاوليا درماه شوال بتاريخ ششم است.

عرس حضرت مسيح الاوليا در ماه شوال بتاريخ چار دهم عرس دسيز دهم صندل مقرر است

عرس شيخ ابو القاسم سرمست فرزند شيخ عبدالستار در ماه شوال بتاريخ ششم.

عرس حضرت عبدالستار فرزند كلان حضرت مسيح الاوليا در ماه جماد الثاني بتاريخ چهار دهم

عرس شيخ مجدد مراد ابن شيخ ابو القاسم سرمست درماه ذيقعد بتاريخ بيست و هشتم و فاتحہ درگاهي صاحب برادر حقيقي جد شريف بتاريخ بيست هشتم.

فاتحہ شيخ نظام الدين صاحب ابن شيخ محمد مراد مغفور جد حقيقي اين فقير بتاريخ ششم ماه صفر

فاتحہ شاہ مراد الله صاحب والد ماجد اين فقير در ماه جمادي الاول بتاريخ بيست و پنجم.

فاتحہ حضرت بيبي خديجہ اهليہ حضرت مسيح الاوليا در ماه رجب بہ شب بيست و هفتم.

عرس شاہ بخش صاحب بنده حضرت شاہ يحيٰ مدني رحمة الله عليہ در ماه ذي الحج روز عيد الضحيٰ مرقد شريف ايشان در محلہ لوهار منڈي.

فاتحہ پهوپهي صاحبہ حقيقي اين فقير مسماة حسيني بيگم بنت فاطمہ بيگم بتاريخ ششم ماه ذي الحج.

فاتحہ جده اين فقير مسماة فاطمہ بيگم در ماه ذي الحج بتاريخ دوم.

فاتحہ حضرت شاہ يحيٰ مدني صاحب رحمہ العد در شب بيست و هفتم ماه رجب.

فاتحہ شاہ يحيٰ صاحب فرزند شاہ بخش صاحب موصوف قدس سره هفدهم ماه صفر

فاتحہ امين صاحب و مخدوم صاحب برادران حقيقي والد ماجد اين فقير سيز دهم ماه صفر فاتحہ ماما نصاحب بنت برهان الدين خان والده حقيقي جد شريف اين فقير، هفتد هم ماه صفر.

و فاتحہ اين فقير مصميٰ عطا علي شاهہ ابن مراد الله صاحب مغفور.

از آمدني حصہ درگاهہ مبارک دهم حصہ پهوپهي صاحبہ مستوره مسماة حسيني بيگم کہ حصہ خود بمن هبہ نموده اند سال بہ سال بہ طريق معقول بايد کنانيد کہ چهار کس فقير رابرسد - تحرير في التاريخ پنجم ماه ذيحجہ 1229 هہ يکهزار ودو صد و بيست ونہ هجري.

اهڙي طرح سڀ کو صاحب سجاده جو وصيت نامہ مٿين شرطن تي لکندو ويو آهي. جن تمسڪن تي مهرون طغرائي لڳايون آهن جهڙي محمد غضنفر مٿي ڏيکاريل جي ۽ محمد معز الدين ۽ مهر مفتي خادم الشرع المتمسڪ محمد فضل الله الرحمان مسيح الدين خان مفتي سنہ 1279 هہ شهد بما فيہ محمد مقيم 1276 - گواه شد محمد نظام الدين 1276 - محمد قطب الدين سنہ 1280 وصي النسا 1293 - محبوب لي زوجہ محمد معزالدين سنہ 1292 - ماهو المستورُ حق محمد قاضي جميل 1249 شهد بمافيہ عرف الله والہ سيد محمد جمال الدين گواه شد - مقبول شاهہ سرگروه جمع پاک لطيف صاحب گواهہ شد - غريب حسين سرگرده جمع - شاهہ غلام حسين خواجہ گواه شد رتن پٽيل گجراتي اکرن ۾ گواه شد اونلا پٽيل گجراتي اکرن ۾.

اهي ٽيئي پٽيل بورگاوُن خود تحصيل کهاندوا ضلع نماڙ ۾ هوا.

جناب مولوي صاحب اِهي تمسڪ سڀ برهانپور مان سجاده نشينن درگاهہ حضرت مسيح الاوليا سنڌي پاٽائي برهانپوري قدس سره جي سنڌ ۾ پاٽ سيوهڻ ۾ واقفي لاءِ اولاد رهندڙن اصلي وطن حضرت مسيح الاوليا عيسيٰ بن قاسم عليہ الرحمتہ جي ڏانهن ڇاپي موڪليا آهن. جن مان هڪ نقل اوهان جي خدمت ۾ هن مڪتوب ۾ نشان لاءِ درج ڪيو ويو آهي.

انهن سجاده نشينن صاحبن مان سنڌ ڏيهہ پاٽ نئين ناليري اگوٺي پاتر جي ۾ پنهنجي ڏاڏي مبارڪ مسيح الاولياءَ قاسم سنڌيءَ پاتريءَ برهانپوري جي وطن مالوفہ جي ساڪنن پاتر سيوهڻ اسان جي مرشد جي قريبن وٽ اچن وڃن. تازي زماني سنہ 1325 هجريءَ ۾ تي اُسهيا برهانپور شهر ڏانهن.

مخدوم وڏي الحاج ميان محمد صاحب لاڏلي قلندريہ سيوهاڻي قدس سره جي پوٽي مخدوم ميان رڪن الدين عرف ميان بصر الدين سجاده نشين جدي وٽ پهچي ڪٽس پڳ مسيح الاولياءَ ڏاڏس جي بڊائي سندس مائٽن شريڪن سيوهاڻين جي قبيلن ۾ شيرني شڪراني جي تقسيم ڪري ڏني هئي جا پڳ ميان بصرالدين صاحب مٿئين ابن مخدوم حاجي احمد صاحب ابن حضرت مخدوم حاجي ميان محمد صاحب سرمست پنهنجي پٽ ميان فخرالدين صاحب زاده کي بڊرائي ڇڏي آهي.

مٿيون قبيلو اولاد مان شاهہ عبدالستار هندستان گجرات ۾ پاٽر (پاٽ) ڳوٺ جي زمين تان پکڙيل اصل اولاد مان حضرت شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني جوڪ اولاد مان عمر شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي جوڪ مرشد جهان قدس اسرار هم هو.

اِهو قبيلو مٿي ڏيکاريل نسل مان حضرت مسيح الاولياءَ جي پنهنجي مٿي اسانجي مرشد پاٽائي سيوهاڻي جي آباءِ اجداد مان اُتي مشاهير العصر تي گذريا آهن. فافهم عليٰ ذالک.

حضرت مسيح الاولياءَ جي پٽن مان شاهہ عبدالستار صديقي وڏو پٽ جنهن جو مٿي ذڪر ڏنل آهي. انهي حضرت کان ننڍو پٽ مسيح الاوليا جو شيخ رمضان عرف شيخ شهر الله جنهن جو تولد پاٽ ۾ هو ۽ سفر سندس برهانپور ۾. تنهن کان ننڍو پٽ شيخ عثمان محدث ابن شيخ عيسيٰ عليہ الرحمہ.

تنهن کان ننڍو پٽ مسيح الاولياءَ عيسيٰ رحمہ جو حضرت مخدوم شاهہ فتح محمد محدث جو بيبي خديجہ مان مسيح الاولياءَ کي خاص برهانپور ۾ تولد ٿيو هو. هي حضرت وڏو علماءُ بيعديل هو. مشهور محدث ڪٽس لقب اشرف حضور مان سردار عالمﷺ جي بابا شاهہ جو عطا هو گهڻن ڪتابن ۾ سندن مذڪور موجود آهي پر ڪتاب درالدارين ۾ سندن ذڪر لقب سوڌو موجود. هن حضرت جا گهڻا ڪتاب تصنيف ٿيل آهن. پر ڪتاب مفتاح الصلواة جي اُهجاڻ ۽ نشان تي شاهدن تي شاهد عادل پاٽاين سيوهاڻين صاحبن جي نسب آبائيءَ تي ڏيکارجن ٿا.

ميان مولوي صاحب مٿارڪا ڪتاب مفتاح الصلواة جي سنڌ جي صغير ڪبير علماءَ کي سڌ آهي تنهن ڪري دلچسپ نشان تو ڏجي تہ هينيان بيت

لڪيل جيڪي مفتاح الصلواة ۾ حضرت شيخ عبدالرحمان مخدوم فتح محمد محدث ابن مسيح الاولياءَ جي آندا آهن يعنيٰ:

فرائض نداني شوي در قلق
اججس نوق تقق رسق
چو واجب نداني شوي در خطر
فضت تقت لقت جسر
چو سنت بداني شوي مقتدا
دوث تبت تست دَدَا

اهي بيت بابا شاهه محدث ٺٽو لکي ته اڪثر پٽن حضرت صاحب جيڪي تعليم ڏيندا هوا علماءَ سنڌ جا - ۽ ڪتي لکن ٿا ته حضرت صاحب يعني مسيح الاوليا پنهنجن فرزندن کي تعليم ڏيندا هوا. اصل ۾ اهي بيت حضرت مولانا محمد زاهد علماءَ سنڌ جا جنهن مدرسي پاتر ڪان هوا سي عالم سنڌ جا حضرت عبدالستار ۽ شيخ رمضان شهر الله پاتريءَ ۽ مخدوم عثمان محدث وغيره. سندن اولاد امجاد کي تعليم ڏيندا هوا. مدرسا پريل برڪات جا گهڻا هوا. هڪڙي مدرسي جي نشاني هت ظاهر ٿي ڏيکارجي. فافهم عليٰ ذالک يا مولانا هدايت الله المالک.

نقل از کتاب مراح الارواح مورخه 972 هجري

الضعيف الخيف الراجي اليٰ رحمة الله العزيز العليم موسيٰ بن بدارالدين في مدرسة مولانا واولانا وهو الزاهد الزاهدين واعظ الملوک والسلاطين.

مولانا فريد الحق والملة والدين سلمه الله تعاليٰ و ابقاءِ اليٰ يوم الدين - شيخ الاسلام پرگنته الانام الموليٰ الفاضل ذوالهمم نظاما مخدوما قاضي بن قاسم مدد الله عمره نفعنا به اليٰ يوم الدين و سائر المبتدين من الطالب الذين في بلدة المبارکة قبة الاسلام پاتر سلمة اللّٰهتعاليٰ و صانها الله من آلافات و البليات و قد تم الڪتاب المسميٰ بمراح الارواح من شهر المعظم المبارک شهر رمضان اثنين و سبعون و تسمائة من الهجرة النبوية عليه افضل الصلواة و اڪمل التحيات و قد ڪتبت لاجل نفسي و نفع غيري من ادعيٰ سواه بطل دعواه.

جن ڏينهن ۾ حضرت بابا شاه جوڪ موجب لکيئي اولاد سندس معلوم ٿو ٿئي ته برهانپور مان پاڻ حضرت محدث پاتر ۾ پنهنجي پائٽي مخدوم حسن قاري پاتري قدس اسرار هم جاملاقي هوا[1] تن ڏينهن ۾ ڪيترا ڪتاب معدوده به طريق هبه جي پنهنجي پائٽي مخدوم قاري ابن شيخ شهرالله ابن مسيح الاولياءَ عليه الرحمهم کي لکي ڏنا هوائون ورق آخرين شرح المواقف جيتي پرَ اتي نسب آباڻي قاري جو هن ريت سان لکيو اٿن:

نقل نشان خاتم عسيٰ أن يبعثک ربک مقاماً محموداً

شجر مبارک به مواهير علما و امرا هندستان شرح آنڪ هذه شجرة اصلها ثابت و فرعها في السماءِ و ڪتبتها مطابق لا صلها ماثبت بمواهير المتدنين و سلمتها لا بن اخي الشيخ محمد حسن القاري ابقاءِ الله تعاليٰ و هو ابن الشيخ رمضان و هو ابن ابي قطب الاقطاب الشيخ عيسيٰ الباتائي البرهانپوري و هو ابن الشيخ قاسم نور الله مرقده و هو ابن الشيخ يوسف.

باقي اڳتي نه لکيو ويو چو ته هن تقرير جي بناءَ اصل شجره ابن فلان ابن فلان تي نه ڳڻيل آهي سواءِ اهيائن سجاڻپ جي ٻيو غرض نه رکيو ويو آهي ۽ مخدوم حسن قاري جنهن جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي. جو هن هنڌ بابا شاه محدث جي اهيائڻ ۾ وري تورو نشان مخدوم حسن قاري پائٽي سندس جو لکيو وڃي ٿو ته حضرت مخدوم حسن قاري ڪامل بزرگ علماءُ بيعدل حقيقي پوٽن مان مسيح الاولياءَ پاتائي برهانپوري جي مان پاٽ جوئي پاٽ ۾ مشاهير العصر هو سندس برڪات خرق عادات لاانهايت - پرهت سبب اختصار جي لکڻ واجب نٿو ڄاڻجي.

جن ڏينهن ۾ مغلن حاڪمن ۾ وڳوڙ هو تن ڏينهن ۾ سندس وسيله سان صلح پيدا هو. ميرزا شاه حسن ابن ميرزا شاه بيگ حاڪم سنڌ سندن ارادت ۾ پيوند هو. جن ڏينهن ۾ ميرزا ڪامران حاڪم پاٽ ۾ پناه لڌي ۽ ميرزا همايون بادشاه پاٽ ۾ پنهنجو خطبو پڙهايو هو ۽ ميرزا شاه حسن حاڪم جي

---

[1] صاحب ڪتب خانہ ڪوٽڙي ڪبير مخدوم غوث محمد "گوهر" صاحب جن وٽ بابا فتح محمد جا تحرير ڪيل جهت الڪعبہ جا چند اوراق ڏسڻ لاءِ مليا جيڪي پاڻ سنڌ ۾ رهڻ دوران سن. سيوستان ۽ پاٽ ۾ رهي سج جي پاڇي جي حساب سان نماز جا اوقات وغيره مقرر ڪيا اٿن. مخدوم صاحب نہ صرف اهي ڏيکاريا پر وڏي فراخدليءَ جو ثبوت ڏيندي ان جو عڪس پڻ ڏنائون.

ساڻن اڻوٽت تي رهي هئي جنهن جو بيان وڌو آهي پر توصل مخدوم قاريءَ جي ايتري قدر جو اتفاق مغلن ۾ ناشي ٿيو هو جو ميرزا شاهه حسن ڏيءَ معصوم پنهنجي جو سڳ پاٽ شهر ۾ ميرزا ڪامران سان ڪري ڇڏيو هو ۽ پيوندو منجهن پيدا هو سائر بلدان (سمورن شهرن) مان انهي طرف جي ۾ پاٽ جو پرڳڻو ايترو آباد هو جو قحط ساليءَ ۾ خاص ميرزا هندال جاڪم عساڪر جي خوراڪ لاءِ دانه انباري ۽ ميوجات باغن پاٽ جي مان رسد ڪرائي هئي پاٽ شهر جا ذڪر گهڻن ڪتابن پر تاريخ معصوم ۽ تحفته الڪرام ۽ آئين اڪبريءَ ۾ به موجود رقم ڪيل آهن. المختصر اشارتاً:

اُهيڃاڻ

هن وقت جي دور ۾ جيڪي قريب خويش جدي اسان جي مرشد جي مان پاٽ ۽ سيوهڻ ۾ موجود آهن تن جو ڏاڏو قريب القريب آبائي مان پاٽ جو پاٽ ۾ وطن مالوفه مسيح الاوليا پاٽائي برهانپوري جي ۾ جيڪو مخدوم حسن قاري جي صلب کان - مسيح الاوليا جي پٽ کان پڙرا تي شيخ شهاب الدين صديقي سهرودي ثاني ملتاني پاٽائي جي پٽ ۾ گڏجي عمر شهاب الدين سلطان المشائخ سهروردي صديقيءَ جي نسل ۾ متفق تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي پٽ ۾ رلجي گڏجي صحيح اللنسب صديقي سهروردي تي سگهيا آهن. سي قريب ڏاڏو سندن حضرت مخدوم فخر الدين عبدالواحد ڪبير مفتي قدس اسرار هم هو جنهن جو لاڳاپو اولادي مسيح الاوليا سان شرعاً ثابت ۽ تسليم وارو هئن ته حاڪمن ۽ عالمن هند ۽ گجرات ۽ دڪن وغيره رهاڪن ۾ اولاد مسيح الاولياءَ ساڻ پڙرو هليو آيو آهي حتاڪ گهڻن فرمانن زر افشانن بادشاهه اورنگزيب جي ۾ ڪي زمينون بشرط منصب افتاجي ۽ ڪي بلاشرط خاص فضل اولاديءَ مسيح الاولياءَ ۽ به جي طفيل ان جي ڪٽس جاگيرون معاف هيون ۽ هن وقت ۾ ڏيڪاري تو فرمان زر افشان انهي عهد شاهد اسلام جي جو ته ڏهه هزار جريب جي زمين خاص طفيل اولياءَ متئين جي سنڌ پاٽ موضع رسول آباد ۾ متصل جاگير سندس سوٽ مولانا شيخ عبدالله جي امداد هئي. اهڙيون سندون لڪليون نه آهن هن وقت جي سرڪار بهادر جي دفتر ۾ داخل آهن ۽ فائدا قديمي آبروئي تي قديمي خانداني موجب مليا ويا آهن. بلڪ سندن نقل انگلش ۾ گزٽ تائين شايع آهن تصديقن مير صاحبن ۽ وڏن عملدارن

هن سرڪار بهادر جي سان - سنہ 1071 هجري مقدس ۾ پاڻ يعني مفتي مخدوم عبدالواحد ڪبير چند علماءَ سنڌ جي سان درويشيءَ لباس ساڻ سياحت بلادالله جي ۾ هوندا هئا. ڪن علمائن جي ڳنڍجاڻي سان دهلي شهر ۾ سلامي بادشاهہ سان ٿي هين. ۽ ڪن عقدن مالاينحل مسائل فقه جي ۾ علمائن بين ڪان حل ڪرڻ ۾ سبقت ڪئي هوائون. جنهن ڪري بادشاهہ سندن شاگردي مجي هئي. اورنگ آباد وارو صاحب سجاده بابا شاهہ جو مخدوم غلام جيلاني صديقي لکن ٿا تہ مخدوم عبدالواحد سنڌي پاتائي کي هند ۾ اُستاد شاهي لقب ساڻ سڏين ٿا اُتي مشهور آهي تہ سنڌ ۾ مسيح الاولياءَ جي اولاد مان هوا ۽ اورنگزيب شاهہ سندن وطن سنڌ مان پڇيو هون. جواب ۾ چيائون تہ پاڻ ۾ بادشاهہ تبسم ڪري ڪلام ڪيو تہ عجب پاڻ جهڙي تنگ صحنڪ بارهاڪن اُتي جي ماڃي سگهيا آهيو. ورندو مخدوم جواب ۾ پيش ڪيس "اهو عجب نہ آهي تہ اسان جو بادشاهہ بدولت ۽ رعايا سميت ظرف ۽ ٿانو گلو دلِيءَ ۾ ٿا ماپن اسين تہ رعايا صحنڪ ڪشادي منهن ۾ ماپيل آهيون.

بادشاهہ ڪٺن مفتي الاسلام پرگنہ پاٽ جي تي معين فرمايو هو جو سنہ 1072 هجري ڪان منصب افتاجي جا هلائيندڙ هوا سندن مهر افتاجي ۾ هي نشانَ هو.

جن ڏينهن ۾ شاهي حاضريءَ ڪان واندا ٿيا هوا بادشاهہ سندن حاضريءَ تي مختصر نامون لکي سندن نسب حضرت شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني پاتائي تائين لکيو هو پوءِ اڃي زائر روضہ جد مبارڪ مسيح الاولياءَ جا برهانپور ۾ ٿيا هوا!. اتي جي علمائن جهڙو حضرت عظيم الدين صاحب معزالدين صاحب وغيره نقل نسب شاهي خط جي جو پاڻوٽ رکيو هو ۽ پاڻ بہ پنهنجي مهرن سان سندن نالي ڪان ثاني شهاب الدين تائين نشان ڪري حوالي مفتي جي ڪيو هوائون جو هن ٽاڻي ۾ دستخط مهر افتا مخدوم عارف بالله سيوهاڻي جي اسان جي مرشدن جي قرابت اولاديءَ وٽ موجود آهي. غرض

مفتي مٽيون حضرت مسيح الاوليا جي ستين پيڙهيءَ مان پڌرو هو. سندن تصنيفات ڪتاب ڪشف الاسرار فقه مسائلن ۾ مشهور آهي.

جناب مولوي صاحبا اوهان جي و ٿوفيت سبب تي لکيو وڃي ٿو تہ انهي مفتي الاسلام عبدالواحد ڪبير جي اولاد مان حضرت نعمان ثاني محمد احسان مخدوم عبدالواحد صغير صاحب البياض واحدي قادري قلندري بمرتبہ مرادُن طرق نقشبندي جا خلافت گزين ابن مفتي مخدوم دين محمد سيوهاڻي قدس اسرار هم جا هوا.

سندن والد علامہ الدهر هو سندن حميد اوصاف جون سڀ ڳالهيون ڇڏي صرف هي نشان ٿو ڏجي تہ انهي عهد ۾ ڪلهوڙن حاڪمن جي ۾ بيا بہ گهڻا علما هوا پر ڪلام الملوڪ ملوڪ الڪلام سند مهر داغ حاڪم خدايار خان ثاني ميان نور محمد خان سنہ 1150 هہ جي مان معلوم ٿو ٿئي، يعني لکن ٿا تہ ابواب خير ۽ امر شرعي جا سنڌ ڏيهہ ۾ پٽجن پر عالم بي ريا ۽ سينگاريل امر شرع شريف جي صلاحيت سان تيڻ گهرجي ٿو. اهڙي صفت جا روشان ولايت پناهہ مخدوم دين محمد جي حُليہ مان پسنديده آهن غرض چند ايامن ۾ خداآباد ۾ وزير نيڪ تدبير سان حاضرالوقت حاڪم سان هوندا هوا پوءِ مفتي دين و يقين پرڳڻہ سيوهڻ جي ۾ شرعي دڳو هلائيندڙ هوا. سندن تصوف ۽ علم عرفان جي ۾ وڏو درڪ هو.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سندن سيوهڻ شهر ۾ ياراني حقاني جا مصاحب هوا. مخدوم توددجي پڳ شاهہ صاحب جي ارادي موجب نشاني ڪري ڏني هين شاهہ سونهاري بہ پنهنجي دستار مبارڪ پر مخدوم دين محمد فقط سندن جتي اشرف ڪري ورتي هئي ۽ گهري هئي.

پٽس صاحب البياض سيوستاني مٿي ڏيڪاريل جا لقب نعمان ثاني ۽ صاحب البياض ۽ آفتاب دين علمائن ۾ پڌرا آهن. آفتاب دين لقب مرشد ڪان مليل اٿن - بياض واحدي جملہ يارهن جلد اُن مجموعي ۾ آهن، پر اطراف اڪناف ۾ سنڌ هند افغانستان ۾ ڪشمير ملڪ ڏانهن ۽ هندستان جي ڀاڱن ۾ منتشر آهن ڪن وٽ بہ جلد ۽ ڪن وٽ ٽي ڪن وٽ ڪهڙا ۽ ڪن وٽ ڪهڙا.

ڪن ڪن مسائل جي حل ۾ خاص رُشد پيغمبري حاصل هون جي اشارا ڪن اوراقن بياض جي متن ۾ موجود. اگرچہ ڪن علمائن جهڙو ٽيٽائن بياض

جي ڪن مسائل جي حل ٿيلن ۾ پنهنجا علم تي ڏيکاريا ۽ مخدوم صاحب جي تحرير جي تعريف تي ڪئي ناگاهه پيغمبري تنبيه ٿين ته مڙس تي تبديلي ڪجو اهڙو اشارو دست ڪوتاهي جو عتاب طور ٿين پوءِ پنهنجي دست درازي ۽ مبادرت کان توبه جي در ۾ منهن رکيائون.

اگرچه اطراف اکناف جي وڏن وڏن علمائن ڪيئي ڪتاب درست ڪيا آهن پر هن صاحب مخدوم سيوهاڻيءَ جي عرفيت قديمي مشائخن ۾ صاحب البياض لقب سان پيئي ڏسجي ۽ ٻڌجي ڪمالا يخفيٰ.

ڪتاب تصنيف گهڻا اتن پر رش الانوار جي ڪتاب ۾ پڇاڙيءَ ورقن تي لکيل آهي. صاحب البياض لقب جي عرفيت جو پيٽاندر اهو هن مهل مون کي ياد نه آهي تنهن ڪري متعذر - ڪنهن علماءَ لکي ڇڏيو هو پر عاليشان مولوي صاحب اوهان گهڻا اوراق تڪليفي غير مڪلفي ڏنا هوندا پر ڪي ذرو هيڏي به نهارجو به اُميد خير و خوشي. اوهان صاحبن الاجي ڪهڙي الفاظن ۾ گلا گوئي حسب نسب بابت هن طرف جي ڪئي پر پٺ جي حالت ۾ جهڙيءَ طرح گلا سامع منهنجي مرشد جي مريد پڑهيل آزاد تي معتبر گفتار هلائي تي تڏهن چو نه ڪي اجا وذيڪ لکجي ته ظاهري اقرار صحت نسب ۾ ته اجا ذڪر هلندا اچن پر ڪي ذرو هن موقع تي باطني صورت جو ايقان صحت نسب جي جو ڏسندي ڪو يقين رکندا. اگرچه مولوي صاحب! پوءِ به اوهان جي خوشي اوهان ڪي هي لکندڙ ايمان آڻڻ لاءِ هن نسب جي منتاثو نه آهي. اوهان ڪي شال اوتعاليٰ سڀ ڪنهن سوءِ نظيرات کان بچائي پر هڪڙي تعجب ڳالهه تي حيران ٿي ٿو لکجي ته اوتعاليٰ عزاسمهپنهنجي ڪلام ۾ ڪيئي قدرتي گفتار هدايت آثار ڪوڙن جي ايمان لاءِ نازل ڪيا پر ڪوڙا منڪر سيئي ڪوڙا اوتعاليٰ ٿو فرمائين ته **ويل يومئذ للمكذبين فباىّ حديث بعده يومنون.**

لکندڙ حيران آهي ته باوجود "سچ" ڪلام الهيٰ عزوجل جي هوندي به ڪيترو به هدايتي روايتون نازل ٿيون ته به اهڙا ڪي ازلي شقي جو ايتري ٻڌندي به بي ايمان. سو اصلي ڪو اهڙو سرشتي گماني حال ڪن ڪن جو آهي پيو وس ڪنهن جو ڪونه آهي. اوتعاليٰ عزاسمه فرمائيندي ۽ هنن نه ٻڌندي عاقبت **فباي حديث بعده يومنون** جي تنبيه ملين سو سائين شال ڪو انسان پلو ايمان جو هجي ۽ قلب سليم سان هجي نه ته پڇڻ جي جاءِ نه آهي. سچ ڪي ڪوڙ

ڪن ۽ ڪوڙ ڪي سچ - ڪو ٻڌندو تہ ٿوري ڪلام صحيح تي بہ دولت ايمان جي وڌائيندڙ ٿيندو ورنہ سچي ڪلام الله عزوجل لاءِ بہ ٻوڙا ۽ بي ايمان پوءِ ٻيا ڇا؟

جناب! صديقي بہ جنهن ڪي اوهين ڪريو ٻي ڪا ڪچ نہ آهي جو هرو ڀرو بهشت ۾ ويهي ڪچ ڪندو يا هر ڪو لٺ ڀڃي بهشت ڏي هلندو صديقي بنجي. اها بشارت صديقين ڪي بهشت ملڻ جي نہ آهي. گهر سيدارو گهر ڍيدارو بهشت ۾ بس آهن. ٿيان صديقي پر اسان پارا تہ الاجي ڪاٿي هوندا. اوتعاليٰ جي قسم! هتيڪي ڳالهہ تہ سڀ انسان ڇٽي ۾ آهن. پوءِ انسانيت ۾ سيد پير موچي ڪوري وغيره بشر آهن. باقي سيني ڪي عمل موچارا تا ڪم اچن. سندس فضل سان. سو اسين تہ عمل خير ئي تا پنون پوءِ جي اِسان پارن ڪي ويهاري بهشت ۾ ڪچ ڪرائين يا دوزخ ۾ سندن مرضي پر اوهين صديقي سڏائي بهشت ۾ هلندا تہ اسين اوهان جي پنيان پر اسان جي تہ توبہ آهي.

ز مخدومي مراصد بار توبہ زپيري الف استغفار هر دم

هرو ڀرو اجايو پيو متو هٽجي نہ تہ ڇا پيو ڪو ڳلا ڪري جي جيڏا سي تيڏا.

بر سر مطلب تہ مٿي لکيو ويو آهي تہ باطني صورت سان بہ هن نسب جي صحت جي نهار ڪجو سو هلندڙ ذڪر مخدوم صاحب البياض سيوستاني قدس سره جي ۾ تو لکيو وجي تہ بصيرة الابصار بزرگ ميان ولي محمد جي تصنيف تيل تان مختصر نقل اوهان صاحبن جي واقفيت لاءِ. لکن تا تہ حضرت خواجہ شاهہ صفي الله سرهندي فاروقي صاحب حدوده قدس سره جي جڏهن شهر سيوهڻ ۾ تشريف تي هئي تہ انهي شب اولين قدوم سندن جي ۾ عالم رويا ۾ مشاهدو ٿين تہ حضرت صديق اڪبر رضہ مخدوم صاحب البياض عليہ الرحمتہ جي بازو وٺي حضرت خواجہ صاحب جي هٿ ۾ سپاري فرمائي تو هذا مني و انت شيخہ (گوهر افشاني حضرت صديق رضہ) پوءِ صبح جو خواجہ صاحب ياد ڪري مخدوم صاحب جي ملاقات ۾ مسرور تي همراز هميار تي حضرت قلندر نور مرقده جي روضہ متبرڪ ۾ داخل تي بموجب شعور شبينہ هٿ مخدوم جو هٿ قلندر جي ۾ سپاريو هو انهي مهل ۾ قلندري روح مبارڪ سان ٻنهين تنن جو روح قلندر جي ڳنڍجائيءَ ۾ هو مراقبہ جي صورت ۾. مدت ڪان پوءِ قلندري ارشاد ٿيو تہ "احسان پر بهي احسان هوا" (گوهر افشاني قلندري) اهڙيءَ اشارت بشارت بعد دستار خلافت نقشبندي راهہ جو خواجہ صاحب جي فرق مبارڪ تي

سينگاري هيٺ لکيل جو مضمون ميمون جو اجازت نامون لکي مخدوم صاحب جي حوالي ۾ ڏنو هو جنهن جو نقل صحيح هٽ لکيو وڃي ٿو:

نقل اجازة نامہ

خواجہ شاهہ صفي الله قدس سره بدستگيري يار غار رضہ اجازة العبد الله مخدوم عبدالواحد من عبدالله فقير صفي الله عليٰ اقتداءِ فعل رسول الله صلي الله عليه وسلم حيث فوض مفاتيح الحرم لمن ڪان يملڪ ها قبل فتح مڪه زاده الله تعاليٰ و جلشانه شرفاً و تعظيما يحسب ما امره الله تعاليٰ و جلشانه ان تودي الامانات اليٰ اهلها.

وڪذالڪ انا اودي الامانت اليٰ من هو اهلها - واجيز اجازة لمن هو حرئ بذالڪ اعني الاخ في الله المخدوم المسطور وارجو منه ان تيقبل عني ما اعرض عنه من الارشاد والاظهار نور الله في الناس.

باقي ڪي اڳتي لکيل آهي پر زبون تيلن اکرن ڪري گهڻو ڪري سمجهہ ۾ نٿا اچن ڇو تہ آءٌ عربي علم ۾ ڇٽ ۽ نادان آهيان. عربي پڙهيل نہ آهيان. جهڙو اتم حال اهڙو اتم قال - باقي گهران ٿو اوهان پلن جو پال ۽ افضال.

جناب مولوي مشرفا لکن ٿا تہ جن ڏينهن ۾ حضرت خواجہ عليہ الرحمتہ سيوهڻ ۾ هوا تن ڏينهن ۾ مخدوم صاحب ميان محمد ابراهيم صاحب مڏئي قدس سره بہ خواجہ صاحب جي خدمت ۾ حاضر هوا پوءِ سيوهڻ مان منزل ڪٽي حج حاصل لاءِ روانا ٿيا هوا جڏهن حدوده ۾ رونق افزا ٿيا هوا تڏهن جنهن جهاز ۾ چڙهي جده ڏانهن روانا هوا جهاز ٽي پيرا ٿورو هليو هٿي آيو ٿي وريو وريو حدوده جي بندر تي - حضرت خواجہ پنهنجي روانگي مسدود ڪئي ۽ لهي پيا. لکن ٿا تہ انهن ايامن ۾ خواجہ طبع نازڪ ۾ بيمزه هوا. وقت نزع جي ۾ پئي فرمايائون تہ ڪسي هست ڪہ دستگيري ڪند - مخدوم صاحب مڏئي واري ٿي چيو تہ بنده حاضر - ڇون ٿا تہ ڪي قدر قرض جو خواجہ صاحب تي هو جنهن جي ادائيءَ لاءِ ذمون صاحب مڏئيءَ جي پاڻ تي ڪنيو هو حضرت خواجہ جي وفات بعد مڏئيءَ وارا صاحب حج ڪان ٿي جڏهن وطن پنهنجي ۾ اچي مشرف ٿيا تڏهن عالم جي فطرت ۾ شايد ڪٿن رشڪ هو مخدوم صاحب البياض سيوهاڻي جي خلافت گزين مرادون منزل ڪري جي خليفا اولين خواجہ صاحب جا دستار بند ٿيا هوا.

صاحب مڏئيءَ واري گهٽي لکپڙهہ ڪئي هئي صاحب البياض واري ڏي تہ اوهان جي باقي امانت مرشداني اسان وٽ آهي سا اچي وني حاصل ڪري وڃو. حاصل ڪلام مخدوم صاحب جي تحريرات مان هن طرح ٿو معلوم ٿئي جنهن مڪتوب جو نقل انشا واحدي گڏ ڪيل سندن خاص مريد بزرگ محمد افضل سيوهاڻي جي مان اوهان جي واقفيت لاءِ لکيو وڃي ٿو ۽ جيڪو خواب خواجہ صاحب شب اولين ۾ سيوهڻ ۾ مخدوم جي مراتبہ ۾ ڏٺو هو ان جي صورت جو خط جواب ۾ سيد محمد شاھ جي نالي تي بہ انشا واحديءَ ۾ موجود ٿو ڏسجي.

نقل مڪتوب انشا واحدي مخدوم صاحب البياض سيوستاني قدس سره

مهربان مخلصان صلاحيت نشان ميان محمد افضل سلمہ ربہ بعد از سلام مکشوف ميدارد رقيمہ مرسولہ رسيد حقيقت ميان ابراهيم جيو معلوم گرديده - بزرگ هستند اگرمامور باشند چر از انجا توجہ نہ نمايند و وعده وفا رسانند هرگاه نور القمر مستفاد من نور الشمس قمر باکمال دوري در آسمان اول شمس کہ در چهارم فلک ست استفاده نمايد و شمس را مانع دوري از افاده نيست انسان کہ احسن تقويم ست و از شمس و قمر رتبہ زياده دارد کہ بموجب نص و سخر لکم الشمس و القمر تسخير يزين دارد چرا دوري مکان مانع ازافاده و استفاده در حق دي گردد ليکن قدرت اماده بايد کہ باشد در آنوقت کہ از بندگان مرخص شده در کچهري آمده بودند اينجانب کہ خود را در هيچ اعداد نمي ارد باايشان ملاقي مدتي در مجلس بود هيچ توجہ و ترقي مفهوم نشد اگر واعده مرشد بجامي آور دند در آنوقت بجا مي آور دند ليکن هيچ اثر ظاهر نہ شد الحال هم اگر قدرت باشد هيچ نرفتہ اوتعاليٰ حق فهماند والسلام.

بيشک زر کشا کار بامر پروردگار ست اما هر جاکہ شوره خوري ست خطبہ خواني آنجاست زياده چہ گويم زر کارکند مرد افتخار ور زد پوين جي انڌير ۾ دستگيري يار سرور بہ او در نظر نيست کہ در اجازت نامہ حضرت خواجہ صاحب چہ کر شمہ مدح بمقامات مخدوم صاحب پسر صديق اکبر رضي الله عنہ مرقوم فرموده رفت بيو بہ پاڻ قلندري مشرب جي بحر ۾ موجزن هوا.

يــا رب بـہ قلنــدرن دراگاهـــ از ســر قلنــدري كنـــي آگاهـــ
در عـشـق خـودم قـلـنـدري ده تــا غـيــر رود بـمــانــد اللهٗ
عظم شانـہ - ېي هر ڪنهن ڳالهہ جي مخبري حاصل هئي.

شهود ثاني عاقبيت آشڪار بہ نقل مشهور

مير صاحب ڪرم علي خان حاڪم سنڌ هميشہ پنهنجي شڪار گاهہ ڳوٺ ٻڌايل نالي ڪرمپور جي ۾ منزل ڪندو هو پر انهي هر وقت اچڻ ۾ حضرت قلندر جي زيارت بعد جماعت مخدوم صاحب جي ۾ اچي ملاقي مخدوم عليہ الرحمہ جو ٿيندڙ هو. ڪنهن ڏينهن ذڪر ۾ فضائل ائمہ شريف ۽ اصحاب ڪبار جي ۾ مير صاحب موجود هو جڏهن نوبت فضل حضرت صديق اڪبر رضہ جي ۾ تقرير هلي - مير صاحب ٻڌندي اچي درهم برهم ٿيو هو ناگاهہ بزرگ جلالت مآب ميان مير محمد عباسي مشهور مخدوم لنڙيائي يا ڏُڪائي سيوهاڻي جو اولاد مان پير شڪر گنج محمود سامتاڻي جي اولاد سرآمد هو. تنهن شديد ڪلامي سان مير صاحب کي منهن ۾ چيو تہ اي مير حضرت صديق رضہ جي عهد ۾ تون بہ وجود هجين ها ۽ هيڪر پر انوار سندس ڏسين ها تہ هوند سنديس خدمتگاريءَ کان هڪدم پري نہ رهين ها ۽ سنديس خاڪ نعلين جي سرمون ڪري اکين ۾ پائين ها پر يقين ڄاڻج تہ هي بہ ڪرامت صديق اڪبر رضہ جي اٿيئي تہ تون هميشه دوزانو ٿيو اُن جي وچام سندس جز مبارڪ آڏو منهن رکندو آهين. اهڙيءَ سخت ڪلاميءَ کان مير ڏمرجي اُٿي ويو هو ۽ هن هيٺ لکيل بيت مخدوم صاحب صديقيءَ ڏي موڪليا هوائين.

نقل ابيات مير صاحب رحمہ ربہ

عــاقبت يــار يــار خواهــد شــد دل دشمــن فڪــار خواهــد شــد
ميخروشـــي چراتـــو اي بلبـــل موســم نــو بهــار خواهــد شــد
گرچــہ بلبــل بيــاغ مـــي نـــازو بســتہ زلــف يــار خواهــد شــد
جـــان مـــن در قيـــامت صغـــرا پيــش مهــدي نثــار خواهــد شــد
نـــام مشـــڪل ڪشـــا علـــي ولـــي روز محشــر حصــار خواهــد شــد
كــرم از مـهـر مـرتـضـيٰ بـہ نـجـف زائـــرآن ديـــار خـــواهــد شــد
مخدوم صاحب جواب ۾ هن ريت سان بيت لکي موڪليس سنديس حڪومت ۾

عاقبت يار غار خواهد شد — دل دشمن فگار خواهد شد
چونڪہ دلدار در ڪنار آيد — هجر هم برڪنار خواهد شد

پوءِ ستن بيتن ڪان هيٺ لکيل بيت شامل متينِ بيتن جي آهن مختصر سبب تي صرف غرض لکيو ويو

هر ڪہ دارد سعادت ازلي — دوست چار يار خواهد شد
خاتم چاريار شاه نجف — از حوادث حصار خواهد شد
همہ اصحاب يار يکدگراند — دشمن ايشان خوار خواهد شد
روز محشر ڪہ چون جناب شود — رافضي شرمسار خواهد شد
مير من گربراه راست رور — بيگمان رستگار خواهد شد
واحدي گرچہ شعر مخفي گفت — عاقبت آشڪار خواهد شد

مخدوم صاحب جي شعر ۾ پوئين مصرعہ واحدي گرچہ شعر مخفي گفت سا مصرعہ مير صاحب واري بيتن جي

جان من در قيامت صغريٰ — پيش مهدي نثار خواهد شد

جي جواب ۾ شامل آهي. يعني قيامت صغريٰ هڪڙو مشڪل اولين قبر جي عذاب سان تاويل آهي. جيسين مير صاحب هو تيسين انهي نتيجہ ڏسڻ لاءِ جيڪي ٿيڻو هو تنهن منزل جي صورت مخفي هئي. عاقبت آشڪار تڏهن تي جڏهن هر ڪنهن ڏٺو ۽ ٻڌو. لکندڙبہ ٻڌي ڳالهہ اڄ لکي. رَبَ ڪريم جلشانہ جي در ۾ توبہ آهي. ڪتابن ۾ تو ڏسجي تہ بغض اصحاب ڪُبار جي عذاب باه جي ڪان ويچارو ابليس بہ پيو ڊڄي.

چون تا تہ پير صاحب ميان غلام محي الدين صاحب سرهندي حيدرآباديءَ دولت سر پنهنجي جي عيوض ڏيئي مير صاحب جي ماموني ورتي قبر جي پيڙ جي.

حضرت گدا مجدد سرهندي حيدرآبادي اڪمل اجل وَلِيُ حيدرآباد ۾ هو سو اڪثر ڪن ڪن وقتن ۾ رافضين تي گهڻو ڏمربو هو علي اڪبر ايراني فوجدار حيدرآباد جو پير صاحب جي اهڙن گفتارن ڪري دل ۾ پير صاحب ڏانهن ڪپت رکندو هو پر ڪڻن ڪو پرواهہ ڪنهن جو نہ هو. جن ڏينهن ۾ مخدوم صاحب حاجي ميان محمد سرمست لاڏلو قلندري اصل حقيقي مشرب قلندري واحدي جو سجاده نشين حرمين شريفين ڏانهن روانا ٿيا هوا تڏهن حيدرآباد ۾ پير متئين سان وجي ملاقي ٿيا هوا. قيل قال ڪان بعد اچي رافضين تي پير

صاحب ڪاوڙيو هو. حاضر الوقت حاجي عبدالله ۽ ميان احمد حڪاڪ سيوهاڻي نقل تي ڪيو تہ مير صاحب ڪرم علي جي نسبت ۾ پير هر هر تڪرار سان پئي چيو هن طرح اَز غيرتِ يڪي آل يار غار منڪر اصحاب گرفتار يعني از غيرت مخدوم صاحب سيوستاني صديقي واز ديگري آل يار مير رستگار. يعني از شفاعت حضرت غلام محي الدين صاحب فاروقي قدس اسرارهم متان پئي چيو هوائين تہ عاقبت منڪر اصحاب چہ شد ڪہ در بغض وي اميد واري داشت سو سائين مولوي صاحب جي مشائخ عالي دستگاهہ حقائق آگاهہ ۽ امراءِ نيڪ پيراءِ اڳيان پويان هوا سي اسان جي مرشدن جي حسب نسب جا هن طرح قائل ۽ مائل ۽ سندن وتد اشرف جا بخوبي واقف هوا. پر جي خود ڪمين ۽ ڪمذات جي نہ پاڻ ڪي سڃاڻن ۽ نہ بين سڄن ڪي سي زبون ۽ زائل دند جا هوندا جي اوهان ڪي شڪ شبهي ۾ وجهندا هوندا. تنهن ڪري جنابا اوهين سچ جو وزن ثقيل سمجهي اسفل هلڪن ڏي اصلي ڪن نہ ڏيندا. آءٌ هوند مير صاحب فتح علي خان رحمہ ربہ جي صداقت جا اصحابن ڏي رڪندي مخدوم صاحب سان پيوندو تي رڪيائين سوبيان ڪيترو لکي لکان. پر لفظ باطني رمز جي شاهدي ثاني جوڪ مشاهدو عجيب هن نسب جي اثبات ۾ جڏهن موجود تڏهن هن مهل ۾ ان ڪي بہ ويڙهي لڪائڻ نامناسب جيئن تہ نقل ان جو هن دستور باشعور آهي.

نقل مڪتوب پير شهاب الدين نوشهرائي قدس سره

جنهن عالم روياءِ ۾ سمورو مڪبوت لکي قلندر جي حضور ۾ ڏنو هو. مقامات باطني مخدوم محمد صالح سيوستاني برادر زاده صاحب البياض سيوستاني جي ۾ مشاهدو ڪيو هو جو مڪتوب راتو ڪي خواب جو ظاهريءَ ۾ ياد ڪري مخدوم محمد صالح ڏانهن سيوهڻ ۾ موڪليو هو اڇوڪن مذبذبين ماڻهن جي ناس ڪرڻ لاءِ شايد نشانبر ڪري اسهيو هو.

مڪتوب بدستگيري يار غار رضہ

بسم الله الرحمان الرحيم

سبحانڪ لا علم لنا الا ما علمتنا رايت مابين اليقظة و النوم حضرت سيد الاولين وَالاخرين محمدنِ النبي الامي صلي الله عليہ وسلم و معہ ابي بڪر

رضي الله تعاليٰ عنہ وانت و ڪان رجلُ من المشاهدين بيده قدح احمر و عليه ثيابُ حمراءٍ و فيه شيءً من العسل واللبن و قال ابي بڪر لرجل المجذوب المذڪور اعط هٰذا لقدح لا و لادي فاسقاک بحڪم النبي صلي الله عليه وسلم بيده فقلت له ماهٰذا قال حصل له حڪم من الدنيا والاخرة فقلت نعماهي

ثم رايت الناس من الرجال والنساءِ يطوفون حولک فقلت ماهٰذا - قيل تحبونه قلوب العباد والله اعلم بالمراد

والسلام عليڪم ربنا لا تواخذنا ان نسينا او اخطانا

مخدوم محمد صالح سيوهڻ ۾ هڪ عبادالله الصالحين مان هو سندس برڪت ۽ برڪات ۽ خرقۂ عادات جا وڏا پيشاندر آهن هت فقط سندس گفتار جذب آثار مان هڪ شعر نشان ڪيو وڃي ٿو:

از دو عالم غير ذات پاک حق درکار نيست
مست و هوشياريم مائل جز دل بيدار نيست
رايتِ راهِ قلندر دوش آرائيم و بس
تاج تقوي بر سرم از خشن پوشي عار نيست
سرخوشم از جام وحدت مست اززوز الست
محو روئ يار ميباشم بعالم کار نيست
از سر جوشِ جنون درراه مستي گامزن
هيچ حاجت از رفيق و مونس غمخوار نيست
از شراب شوق سر مستي محمد صالح ست
در دل و جانش طرب الفت ورائي يار نيست

فقط

شھود ثالث سيد امام الدين ۽ سيد محسن شاھ ڪان

هي ٻئي يائر سڳا زيب زينت ۽ شبهاهت ۾ هڪ جهڙا هوا حضرت غوث ملتاني قدس الله سره الاقدس جي درگاهہ جي زيارت جا اراتمند وينل ڏونرن هنگورن جا سفر بست تي ملتان ڏي عزم فرما هوا راه ۾ جڏهن سيوهڻ شهر ۾ پهتا هوا تڏهن مخدوم عارف باالله سجاده نشين واحدي ۽ مشرب حقيقي جي مخبري جا مصلي نشين المشهور قاضي قلندري عليہ الرحمہ جي مجلس ۾ اچي

مخدوم سان ملاقي ٿيا هوا. انهيءَ ڏينهن سواءِ قال الله قال رسول صلي الله عليہ وسلم جي ٻيو فڪر فند جو ذڪر ڪونہ هليو هو. جڏهن سادات مجلس مخدوم صاحب جي ڪان موٽي آيا تڏهن هڪ ٻين کي حقارت طور گلا ڪيائون تہ مخدوم وٽ علم درويشي ڪونہ ٿي ڏنو. انهي رات جو خواب ڏٺا ڏسن تہ هڪ وڏو خيمہ ڪڙو تيل آهي سردار عالم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نالي سڳوري سان - انهي خيمہ جي دروازه تي ابي بڪر صديق رضہ تنهن ڪان اوري شيخ شهاب الدين سهروردي وينل هوا اُتي جنهن کي شيخ شهاب الدين سهروردي تو موڪلي حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڏانهن اهو تو وڃي حضور ۾ سردار عالم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ۾

جڏهن نوبت اسان جي يعني نقل ڪندڙن جي انهن ٻنهين سادات جي وڃڻ لاءِ ٿي، تڏهن سهروردي صاحب اسان کي نہ ڇڏيو. حضور ۾ سرور عالم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سبب ظاهر ٿيو تہ اوهين اسان جي اولاد جي تحقير ڪري آيا آهيو تنهن ڪري اوهان کي تاخير وڃڻ لاءِ پيو آهي.

صبح جو اهي ٻئي سادات وري مخدوم صاحب جي مجلس ۾ حاضر ٿي معافي جا طلبگار ٿي سمورو نقل شبينہ مخدوم جي پيش آنداءَ پاڻ فرمايائون ساداتن کي تہ الحمد الله- اهڙو رتبو اوتعاليٰ عطا ڪري.

جنابا اسين تہ بازاري منائي آهيون اوتعاليٰ اوهان سڳورن جي برڪت لائق ڪري.

شهادت رابع

نقل ٿي ڪري مسماة قاقل دائي ذيءَ محمد فاضل حيدرآبادي. مسماة عابده ۽ پرهيزگار هئي ۽ پڙس شب خيز ورد وظائف ۾ ذڪر اسم پاڪ عزاسمہ جي ۾ مشغول هوندو هو. مسماة قاقل نقل ٿي ڪيو تہ هڪ رات ۾ منهنجي والد محمد فاضل نقل ٿي ڪيو تہ حضور سردار عالم ﷺ جي دربان آهيان تہ انهي مهل ۾ حضرت صديق اڪبر رضہ جي تصوير نيڪ نظير جي زيارت نصيب ٿيم پاڻ فرمايائون تہ فاضل اسين هاٽي اچي اوهان وٽ ويهنداسون مون پنهنجي اکين تي هٿ رکي صد شڪر ٿي ڪيا تن ڏينهن ڪان بعد مخدوم منهنجي مرشد ذالک فضل الله الواسع جو سوٽ ۽ پيٽوو حيدرآباد ۾ اچي مسماة قاقل جي گهر ۾ برڪت وڌي. محمد فاضل ٿي چيو تہ مون ڪٽان ذات شرعي جو

پڇيو هو جواب ۾ چيائون تہ اسان جي ذات صديقي امير المومنين صديق اڪبر رضہ جي اولاد بنياد مان آهيون تڏهن اهو خواب پنهنجو سچوئي بيان ڪري مريدي سندن ۾ پيوند ٿيو هو ۽ پنهنجي ڄمار ۾ ۽ سندس پويان مٿئين خاندان جا خدمتگار ٿئي بہ پئي ٿيندا آيا تا اليوم.

خواب حقير

اضعف عبادالله جو والد ماجد حرمين شريفين روانو هو ناگاهہ هڪ رات ننڊ ۾ ڏسڻ ۾ آيم تہ جيڪي بہ هن اضعف نادان ساڻ ملاقي پيا ٿين تن آڏو پنهنجي قبلہ ڪي بدشد پيو ڳالهايان پوءِ اُتي ڪنهن چيم ۽ ڏيکاريم هڪ پيالي ڪا شيءِ جي جنهن ۾ ڪارو داغ تورو پئي ڏنو انهي ڏيکاريندڙ پيالي جي رشد ڪيم تہ چٽِ داغ پيالي‌ءَ وارو جا پسماند حضرت صديق اڪبر رضہ جي اتيئي. مون پنهنجي دل و جان سان اُها پئي چٽي خواب ڏسڻ جي ٽئين ڏينهن جان محمد بواب ڪو مريد هو. مخدوم صاحب ميان حاجي محمد سيوهاڻي جو تنهن منهنجي والد جي وصال جي خبر لکي جو معلوم ٿيو تہ چئن يارن جي ڪوهن جي منزل تي جان بحق سپاري مرقد پنهنجي قربن ڪوه حضرت صديق اڪبر رضہ جي ڪيائين مون واري خواب جو تعبير ٿيو.

ايندڙن هر ڪنهن آڏو بد شد ڳالهائڻ جو اهو مطلب تہ هر ڪنهن ايندڙ سان تون دلِ جي سخت اندوه سان فاتحہ پيو ڪرين. ۽ پيالي مثل ڪوه جي آهي جنهن ۾ داغ ڪارو نہ ٔني موت جي آهي جا پسماند حضرت صديق اڪبر رضہ جي آهي والد تنهنجو اولاد سندس آهي. تو ڪي موت جي داغ سان سڌ ڏنائون تعبير صحيح آهي اڳتي ڄاڻي ڄاڻڻ وارو عزاسمہ پر هي بہ روحاني قربيت سچي صديق رضہ جي اولاد سچي ڏانهن چٽبي.

مولوي صاحب! وري تو لکان تہ هن انقلاب ۾ هر ڪو پيو پاڻ ساراهي ۽ پنهنجي عزت حرمت قابو رکي پنهنجي تعظيم رکائڻ لاءِ مراسم نبوي ﷺ هٽان وين تہ ڇا ٿيو پر عمل موچارا ظاهري اهڙن جا بہ پيا ڏسجن تہ بہ ڪو ڪنهن پير جو اولاد ٿي هر ڪو انهي نسبت تي پاڻ کي وڏو ڄاڻي ٿئي بني آدم تي نگاه نٿا آٽين. جهڙيِ اها ڳالهہ ڪنهن نسبي کان مخفي نہ. تہ جي وڃا وارا ڪرامتي عملي هوا ۽ نسب بي اعتبار جو ڪو افتخار نہ تي ڄاتائون تن جيڪا هن ڳٽيل خاندان جي عزت تي رکي ۽ حرمتي عبارتون تي لکيون جي هوند ڪو

ڏسي تہ هوند فرق بيائي جو ڪونہ ڏسي پر اڄوڪي وقت جي شڪوه ڪهڙي ڪجي اوتعاليٰ شال اِنَ اڪرمڪم عندالله التقڪم جي چنني ساڻ ڪنهن تقويٰ جي بحار مان هن متعطش کي جرعہ ڏيئي عبادت پرهيز ۾ سيراب ڪري آمين جنهن مان ڪو فائدو دارين جو ٿئي. پر جنابا جن خاندانن جو شرعي عمل آهي اُهي جي ٻئي ڪنهن کي نظر ۾ نٿا سمائين تہ اهڙن جو البت ارمان هوندو. جڏهن اڳلا پنهنجي نسب اشرف جي عزت ۾ پيا پاڻ تورائين تڏهن ٻيا بہ ڪنهن پليري قبيلي جا ۽ پليرا حسب نسب جا ۽ ڪنهن معدن ذهب والفضة يعني ڪنهن اولياءَ جي نسل جا ڪهڙيءَ طرح نہ نسب اشرف جي ڪنڌي سڳورا ٿي عزت نہ وٺن انهن نسبي وارن کان - اها جاءِ انصاف جي ناهي.ڪٿي ڳالهہ وچ ۾ ٿي وڃهجي تہ صديق اڪبري جن جو سلسلو ۽ پيوندصديق اڪبر رضہ ساڻ اتن ۽ کي انهن جي ڏاڏنگ مان وري مريد حضرت شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جا ۽ انهي سلطان المشائخ سهروردي سان پيوند هون ۽ طرق شطار پاڪ عشقي ۾ اگرچہ اهڙا ٻئي مشائخ شطاري کان راهہ شطاريءَ ۾ گام زن پرتڏهن بہ بعضي اوقاتن ۾ ملفوظات راهہ شطاري جا صحيفا مسيح الاوليا کان حل ڪندي ساڻن محبت ياراني جي رکندا آيا پوءِ زماني نوبت ۾ مريدي اڳي پوءِ وقت انهي عهہ آهر ڪو ڪٿي هجي تہ ان جا پويان باوجود ڪنهن جا مريد بہ نہ تہ بہ اهڙاگڏيات پيا سمجهن تہ هي اسان جو مريد ۽ هو اصلي ويچارا نسبي سادات وغيره مرشد گهراڻي جا الوداع جي ڪنڌي تم بالخير - اگرچہ انهي نسبت جا جي هن زماني جي هيٺ متانهين بابت آهن گهڻا ڪاغذ هوند ڪاراڪجن پر سچ چوڻ ۾ وري بہ منذر رنج روح جو آهي دنيا درگذر - پلي ڪو پنهنجو ٿي پاڻ کي ڏسي پر ويندو هر ڪوئي هتان هليو.

وه! ياد آيل خواب

ڏنل جو شرف هن موقعي تي چو لڪائجي تہ لڪندڙ کي البت نسبي ارمان ۾ هئي متين گفتارن جي بابت - تہ ناگاهہ هڪ مسجد شريف عاليشان ۾ وڏي جماعت نماز جي انتظار ۾ وينل آهي محراب سامهون وچ ۾ ساڄي ڏائي جي حضرتامام رباني مجددالف ثاني قدس سره وينل ۽ لڪندڙ پنجن ڇهن جماعتين ڪان پري ڏائي پاسي نماز لاءِ وينل ڏسان پيو. جڏهن تڪبير تي تڏهن سڀ اٿيا ۽ لڪندڙ بہ - پر انهيءَ مهل ۾ حضرت امام رباني عليہ الرحمہ اشارو ڪيو هو

لکندڙ ڏانهن تہ اڳي تي نماز پڙهاءِ لکندڙ لرزجي جواب پيش کيو تہ آءٌ اوهان جي پيزار جي دز جهڙو هرگز نہ سا مون کي کهڙي سگهہ جو آءٌ اڳي تيان عاقبت وري پاڻ اڳي تي نماز پڙهايائون انهي تعبير مان ايترو معلوم ٿيو تہ صحيح النسب اولاد صديق اکبر رضہ جي تعظيم اڳواڻ حضرت قدس سره کي بيشڪ منظور هئي اولوالابصارن ۽ اولوالابدي وارن جا تہ اجهي اهي حساب پاڪ آهن بيا ڇا ڄاڻندا جي صرف پاڻ پوڄائين. جناب مولوي صاحب معاف کندا گهڻي طول طويل کي نتو لکان نہ تہ رموز باطني ۾ شهادت صحت هن نسب حسب جي لاءِ اجا وڌيڪ گفتا ياد اٿم. پر هاڻي فقط ظاهري اهڃاڻ هن بساط کشادي جا وري ٿا لکجن تہ جيکي مسيح الاوليا جي قرابت مان پکڙجي هنڌ هنڌ تي، اولاد صديق اکبر رضہ جي مان مشهور آهن. پهريائين حضرت مسيح الاولياءَ جوچاچو بزرگ حضرت ناصر الملت قدوة الکاملين مخدوم شيخ طاهر محدث ابن شيخ يوسف پاتائي گجراتيؒ قدس الله سره الاقدس

سندن مرقد مبارڪ شهر برهانپور ۾ ۽ سندن تصنيفات مان تفسير مجمع البحار پڌرو آهي سنہ 950 هجري کان پاتر ڳوٺ ڇڏي سياحت کندي گجرات ۾ پهتا آهن اهڙو حوالو وطن پاتر سوڌو گلزار ابرار ۾ موجود

ضروري اعلان

حضرت شيخ طاهر محدث پٽني اصل گجراتي مصنف مجمع البحار بيو آهي جنهن جي جي جنگ بواهير اقوام سان هئي کتابن جي مطالعي سان معلوم کندا خصوص گلزار ابرار مان. جنهن جو مصنف حاضر ناظر انهي زماني ۾ بنهين ظاهرين سان ملاقي هو. حضرت طاهر سنڌي گجراتي سان برهانپور ۾ حضرت اسحاق قلندرسان گڏ شيخ طاهر پاتائي متئين کان فيض گير هوا، ۽ بيا بہ ذکر سندن کتابن ۾ صفائيءَ سان لکيل موجود آهن تہ هڪ طاهر اصل جو گجراتي بواهيري هو ۽ بيو محدث طاهر سنڌي ابن يوسف گجرات ۾ هو. پوين انڌي گهوڙي کلِ ۾ همنام طاهرين همزمان ۾ هڪ بين جا حال گڏي سڏي وايا آهن لکندا - رڳا جي تحقيق داخلا رکيو پنهنجي کتابن جي زيب زينت کندا ويا. بلڪ قديم کتاب گجرات ملڪ جي جو صاحب گلزار ابرارائين بہ تو ڄاڻائي تہ جنگ بوهرن جي پٽ محمد طاهر اصلي گجرات جي سان هئي ۽ مجمع البحار بہ پٽس محمد جو درست ٿيل هو نہ طاهر

گجراتيءَ جو- ۽ اهو مجمع البحار جو علم حديث ۾ آهي. ۽ سنڌي طاهر محدث جو خاص تفسير مجمع البحار طاهري تا لڪن مجمع البحار جي علم جي ٻي صورت آهي ان جو نقل سچو بہ گلزار ابرار ۾ لکيل موجود پيو آهي يعني اهو تفسير مجمع البحار جو بلڪل لطائف قشيري جي اسلوب تي نطائف صوفيہ قدس اسرار هم جي نڪات ۽ اشارات تي حاوي آهي ۽ هن شيخ طاهر محدث چاچي مسيح الاوليا جي جي تصنيف مان ڪتاب مختصر قوت القلوب ۽ منتخب مواهب لدينه ۽ ملتقط جمعي الجوامع سيوطي ۽ موجز قسطلاني جنهن ڪان وڏي ڪائي شرح بخاريءَ تي نہ آهي وڏا وڏا ٻاره دفاتر ٻن لڪن بيتن ۾ مختصر ڪيو اٿن ۽ تفسير مدارڪ جو پنهنجي ٻن فرزندن جي لاءِ مختصرڪيو اٿن ۽ ان جي آغاز ۾ هن طرح لکيو اٿن قال ابو عبدالله طاهر بن يوسف عليہ رحمہ الله ۽ آسامي رجال صحيح بخاري هڪ شرح ڪرماني جي طور تي ۽ رياض الصالحين جنهن ۾ پهريون روضہ انهن حديثن حسنہ جي بيان ۾ آهن. جنهن جي اندر اُمت جي بخشش ۽ اميدون مرادون لهڻ جون خوشخبرين وارا آهن ٻيو روضہ وڏن وڏن مشائخن طريقت ناصحانہ گفتار سان سرسبز آهن.

ٽيون روضہ ارباب توحيدۦ وجدان ۽ اصحاب عشق ۽ عرفان جون عمديون عبارتون ۽ نمڪين اشارن سان تر ۽ تازه آهن.

حاصل ڪلام اهو حضرت شيخ طاهر صديقي شهابي سهروردي پنهنجي متي پاٽ سنڌ ڪان گجرات ۾ مشاهير العصر هو مختصر.

پٽ سندس بہ هڪ عبدالله ۽ شيخ رحمۃ الله جي ٻئي سيوهڻ شهر ۾ چايا هوس. پوءِ آخر ۾ ٻئي عرب ملڪ ۾ مشهور هوا شيخين خطاب سان - انهن جو اولاد امجاد امير المومنين صديق اڪبر رضہ جي نسل سان عربستان ۾ ۽ گجرات وغيره جاين تي پڌرا اوتعاليٰ عزاسمه ڪيا آهن پاٽ شهر جي اپت ڪان منهنجي مرشد ذالڪ فضل اللهالواسع جنهن جي درگاهہ پاٽ نئين ۾ جاءِ زيارت عام خاص آهي انهي حضرت عليہ الرحمہ جي آباءُ اجداد مان اوڏي بڪفو واحد پڪڙيل آهن اها بساط صديقين جي انهيءَ اطراف اڪناف تي آهي.الحمد الله علي ذالک حضرت مسيح الاوليا جو ٻيو چاچو مبارڪ حضرت مخدوم عباس محدث پاٽائي هنگورجائي قدس سره ابن يوسف جمال جلال

اهجاڻ سندس تاريخ معصوميءَ ۾ ۽ گلزار ابرار ۽ تمسڪاتن وغيره ڪتابن ۾ موجود.

هن محدث جي قرابت سنگيٽي حضرت سرور پير مخدوم نوح صديقي هالڪندي قدس سره جي ڏاڏنگ ساڱ ڏهناٽي نسبت سان لڳي ٿي. حضرت نوح رحمہ ربہ جي آبائي قبيلي مان پاٽ ڳوٺ ۾ ساڪن هوا مخدوم فخر الدين پاٽ ڇڏي سيوهڻ ۾ اچي وينو هو ڪي انهن مان وڏي فخر الدين مان بوبڪن جي شهر ۾ وڃي متوطن ٿيا هوا اهو قبيلو سابقين ڪري لکن ٿا. تمسڪ 925هہ جي ۾ حقيقت هيءَ لکيل ظاهر آهي.

حضرت مسيح الاوليا جو ڏاڏو شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ثاني بن نور الدين مٿي ذڪر ڪيل ۽ فخر الدين وڏو سو ڏاڏو هوحضرت مخدوم نوح عليہ الرحمہ جو - لکن ٿا تہ فخرالدين ڪبير پاءُ هو حضرت شيخ عمر شهاب الدين صديقي سهروردي قدس سره جو ۽ مسيح الاوليا شهابي سهروردي خاص اولاد مان سندس هو. جو سهروردي پيشوا طريقہ سهرورد ۽ وينل بہ عجم سهرورد شهر جو هو ۽ ڪي اَيام سهرورد جو حاڪم بہ هو اهو قبيلو لڏجي بوبڪن سيوهڻ لڪيءَڪان پاٽوٺ ۾ آخر هالن ۾ وڃي متوطن ٿيا.

فخرالدين ننڍي جي اولاد مان محمد اسحاق هو جنهن جو پٽ مخدوم سان نعمت الله هالائي هو انهي صلب ڪان حضرت مخدوم نوح نوَ لڪي مرشد اوتعاليٰ مبعوث ڪيو هو ۽ جهان ۾ پڌرو ٿيو هو.

مسيح الاوليا جو ڏاڏو شيخ يوسف پاٽائي ۽ مخدوم نوح گڏ پڙهندا هوا پر شيخ مٿيون عمر ۾ ڪنان تڏهن وڏو هو.

اگرچہ ڪنهن شقاوت ڪري ماٺهو اهڙي يلي مخدوم جهان سهروردي صديقي نوح قدس سره جي نسب ۾ اعتراض ڪندا آهن. ڪي چوندا آهن تہ حضرت مخدوم پير صاحب هالائي چوندا آهن تہ حضرت مخدوم پير عبدالوهاب اڪمل اوليا جنهن جو قبو حيدرآباد جي قلعي جي اُتر تي شاهہ جي قدمن جي متصل آهي سو پٽ هو ميان مير جنهن ڪي مير پير سرور ڪري چوندا آهن. وڏو اولياءَ هو جو سيوهڻ ماز لڏي ويو هو لاهور سفينة الاوليا وارو دارا شڪوه وري جيڪي لکي ٿو سوبرخلاف غرض انهن اختلافن ڪان ڪو ڪتاب خالي نہ آهي بلڪ سنہ 1886ع جي اخبار معاون مجمع محمدي ڪراچيءَ ۾ سيد فاضل شاهہ وري! ارمان!!! پنهنجو نقل ناڪام مخدوم صاحبن هالائن جي نسبت ۾ شايع ڪيو اٿس جو لکندڙ ڪي ناگوار هو اهڙي نقل احمقن جي شعائي

جو آٽڻ سوئي اخبارن ۾ زيب نتو ڏيڪاري. اضعف عباد الله اهڙيون ڳالهيون لکي پڇيون هيون جناب سيد نور علي شاهه متارڪي جي معرفت جو انهن ڏينهن ۾ انهي طرف جو تپدار هو. جواب ۾ صفائي اها ٿي ته اوهان جو خط مخدوم صاحب سجاده نشين ۽ مجاورن درگاهه جي ڏنو هو. چون ٿا ته شاهه عبدالوهاب عليه الرحمه حيدرآبادي برابر اسان جو ڏاڏو آهي ۽ اوهان جيڪي سيوهاڻين مخدوم صاحبن جي نسب لکيو ته ڪو اُتي پيرن وٽ اهڙو حوالو نڪري ٿو پاٽ سيوهڻ بوبڪن وغيره پڊن قبيلي ساڪنن جو يا نه سو چون ٿا ته صحيح آهي هتي ڪتابن ۾ لکيل آهي. گهڻو ڪري ڪتاب ۽ رساله وٽن موجود لکن ٿا جواب ۾ هن طرح به چون ٿا ته اوهان وٽ جي صحيح آهي ته ان کي به برخلاف نٿا چئون ۽ جواب مان معلوم ٿيو ته سيوهاڻين جو نسب صديق اڪبر رضه سان متفق هئڻ تي اسان جي وڏن تائين سڌ سماچار سمورن قبيلن ڪڙم سوڏي هئي ۽ انهي باب ۾ ڳڪندڙ ڪي ڪي وڏيڪ لکڻو پوي ٿو پر مختصر ڪيو ويو ته منهن جو مُرشد پاٽائي مخدوم نوح صديقي قدس سره جي اولاد مان نه آهي پر پير سرور جو قبيلو آبائي جن سان منهنجي مرشد جي ڏاڏنگ جي نسبت قرابت ٿي لڳي سڀ صحيح صديق اڪبر رضه جو اولاد هوا فخرالدين وڏيءَ نندي منجهان - ۽ منهنجو مرشد جنهن جا بابا سڳورا وڏي پاءُ حضرت عمر سهروردي جي اولاد مان صحيح ٿيل آهن. تڏهن چئجي ٿو ته اها شاخ قبيلي سابقين فخرالدين صديقي جي به نشانبر پاڙيسري هن ڳٽيل نسب جي پنهنجي متي بڪفو واحد سنڌ ڏيهه ۾ هڪ بين تي شاهد مشهود آهن.

پڻ مخدوم عباس محدث قدسءُ سره متي ذڪر ڪيل (انهي حضرت جي قبر هنگورجن ڳوٺ ۾ آهي) ان جي اولاد مان حضرت شيخ جنيد الله فرزند سندس حضرت شيخ مخدوم اسماعيل طائي جي ٻئي ولي اڪمل جن جي درگاهه عاليجاهه ڳوٺ هالاڻين جي ۾ جاءِ زيارت عام خاص جي آهي ۽ متن ميلو لڳي ۽ سندڻ اولاد ديهه شيخاڻين تعلقه ڪندياري ۾ اجا حيات ڪڙم قبيلي سوڏا هليا اچن.

سندن قبائل مان مخدوم نور محمد صاحب بمعه قبائل اولاد احفاد ديهه تريچاڻي تعلقه لوهريءَ ۾ موجود. اهڙي حجت ٿا ڏيڪارين ھُي به هڪڙي نڪ ڪفو واحد صديقين جي پاٽ جي زمين تان آباءَ اجداءَ سيوهاڻين ۽ پاٽاين مان منتشر. ۽ اُهي قبيلا حضرت عباس شهابي سهروردي متي ذڪر ڪيل جي مان اوڏي ظاهر.

مختصر نشان پڪو اهڃاڻ

حضرت مسيح الاوليا جي والده ماجده جا چاچا سڳورا ۽ حضرت مسيح الاوليا جي چاچي حضرت شيخ طاهر محدث متي ذڪر آندل جاپائيتا. حضرت شاهه محمد معروف ۽ شاهه عثمان ٻئي سڳا ڀائر انبا ۾ شيخ عيسيٰ سخي مشهور پاڻائي قدس اسرار هم جي ٻئي صاحب اولياءَ اڪمل اهل پنجاب جي صغير ڪبير جا مرشد ڪامل هوا. خادمن جي ڪمال ارادت ڪان وطن پنهنجو پنجاب ضلع مظفرڳڙهه تحصيل علي پور شهر صيت پور ۾ اختيار ڪيائون سندن درگاهه عاليجاهه زيارتگاهه عام و خاص اُنهي اُڇ شهر شريف ستين صديقين جي ۾ معمور پرنور آهي. ڪتابن ۾ حوالات پر گلزار ابرار گجرات جيم ۾ موجود. ڏسڻ لائق اٿو. انهي ملڪ ۾ اولاد مان صديق اڪبر رضه جي پذرا ذالک فضل الله الواسع منهنجي مرشد جي آبائن مان - اهو قبيلو صديقين جو ٻه اوڏي هو جيئن تہ سندن آفتاب فيض جو پاٽ سنڌ ڪان ناشي تي اهل پنجاب تي وجي چمڪيو هو. انهن حضرتن جي اولاد جي سگهه وڏي تي ٻجهي.

جناب مولوي صاحب! الله جلشانه جي ڪا هدايت حاصل اوهان ڪي ٿئي آمين وري ٻه ٿو چئجي تہ ڪو حسد حقد ۾ جلي ايترئ بساط جي آفتاب ڪي ترئ نفاق جي سان ڏڪيندو تہ هرگز ڏڪجي نہ سگهندا چو تہ هڪ ٻہ گهر نہ آهي پرڪو چمڙي طرح ڪور چشم تي ڀهلڪ آفتاب نہ سهي سگهي تہ هيڏي چا هر ڪو پاڻ ۽ پنهنجو اصل نسل سڃاڻي ۽ ڄاڻي.

پر ڪو سعادت ازليءَ جو يار هوندو تہ صحيح سخن ڪي بلڪل آسانيءَ ساڻ سمجهي سگهي ٿو بشرطيڪ الا من اَتي الله بقلب سليم جي ڀاڱي ۾ هوندو تہ پر جي اک ۾ اوندهه دل ۾ گَلا خواه مخواهه مدعي تہ سائين صاحب علم جا راهب اُنهي ڪي تہ الله جلشانه رسي دشمن خواه مخواهي جي نزد سي ڪي اونداهه تي اوندهه تيووجي تي پوءِ اِن جي آڏو ڪهڙا ڏيا ٻاربا. چوندا آهن تہ محب مڪرم جي دل ۾ اڪه روشن جنهن ڪي اوتعاليٰ تو اولوالابصارڪري ڄاڻائي تنهن سان حال ڪٽي وجهي پر دشمن آڏو حضرت سعدي رحمه ربه وانگي جو چون تا وري تڪرار سان تہ

هنر بچشم عداوت بزرگ ترعيب است
گل ست سعدي و درچشم دشمنان خار است

اُهو جاڳي جواب ڏيندو تہ ڀ ڦوٽو اُهوئي سنگھ سان.

جناب مولوي صاحب! حضرت آصف جاه نظام الملڪ مير محبوب علي خان صاحب بهادر حفصي شهابي سهروردي صديقي تخت نشين دارالخلافت حيدرآباد دکن ادام الله عزوجل مملڪتہ. جنهن جو منصبدار حضرت نواب محمد مسيح الدين خان شهابي سهروردي صديقي جو برهانپور مان حيدرآباد دکن ۾ اچي وينو هو. سندس ذڪر مٿي ڀ ڏنل آهي جو اهو نواب بابا شاهہ مخدوم فتح محمد محدث برهانپوري جي اولاد مان هو. جنهن بابا شاهہ فتح محمد محدث جو مفتاح الصلواة سنڌ جي علمائن وٽ نشاني آهي. سو بابا شاهہ پٽ هو حضرت مسيح الاوليا مٿي ذڪر ڪيل جو. تنهن آصفجاه نواب مٿئين کي اشارو ڪيو هو ۽ نظام الملڪ جنهن جي ارادت حضرت مسيح الاولياءَ قدس سره طرف اڪمل هئي. تنهن بادشاهہ جي حڪم موجب نواب صديقي حضرت سجاده نشين درگاهہ عاليجاه تي تڪليف رکي گڏ ڪرڻ اولاد مسيح الاولياءجي سنڌ هند گجرات وغيره جاين قريب بعيد جي لاءِ صاحب سجاده درگاهہ انهي غرض تي سياحت ڪندي آخر ۾ اچي سنڌ ملڪ ۾ تشريف رکي سيوهڻ ۽ پاٽ جي اولاد مسيح الاوليا جي حقيقت هتان هتان سمجهي وجي رسالو نالي تحفتہ الاذڪيافي بيان مسيح الاوليا تصنيف ڪري حيدرآباد دکن جي مطبع ابو العلائي ۾ شايع ڪيو هو. حضرت نواب صاحب بابا شاهي اهو رسالو پيش نظر حضرت نظام الملڪ جي ڪيو هوجنهن تي شاهي نشان ڪري بعده ڪتب تواريخ شاهي جي ۾ داخل ٿيو هو. انهن ڏينهن ۾ طغياني پاڻي جي ڪري سخت ٻوڏ ڪان داراخلافت جي رهاڪن ۽ رعيت کي نقصان پهتا هوا تنهنجي همدردي لاءِ حضرت سجاده نشين جي تائيد تي - هن سنڌ مان مسيح الاوليا جي اولاد گڏ جي سهروردي خاندان جي عرفان تي حضرت نظام الملڪ ڏي تار رواني ڪئي هئي ورندو جواب مقبوليت جو شهابين سهروردين ڏانهن شاهي تار ۾ صادر ٿيو.سنہ 1908ع ۾ جنابا! اوهان جي دل ڦيرائڻ هن خاندان کان پر پٺ گلا آلود ڳالهہ ٻڌي نہ گهرجي مون اهڙيون حقيقتون اوهان جي وقوفيت سبب ظاهر ڪيون تہ هن خاندان جو نسب حسب ڪنهن امير ڪبير ۽ مشائخ ڪرام ۽ علماءِ عظام اهل حسب نسب جي کان مخفي نہ آهي ڏسو خط مير نصير خان حاڪم سنڌ ۽ پٽس مير محمد حسن علي خان ٽالپر اهل

